مان سمجهان ٿو ته هو مونکي خسيس ماڻهو سمجهندو آهي. مان سمجهان ٿو ته هو مونکي صحيح طور خسيس ماڻهو سمجهندو آهي. مان سمجهان ٿو ته انتي مونکي کو اعتراض نه وڻ گهرجي ۽ مان سمجهان ٿو ته مونکي انتي ڪڏهن اعتراض نه ٿيو آهي. مان سمجهان ٿو، مون وٽ اهڙي ڪا ڳالهه ڪونهي جنهن سبب مان ڪيس خسيس نه لڳان. شڪل مان خسيس هو به لڳي. ڪڏهن ڪڏهن ميونسول پرڏان به هٽو. هاڻي هنکي فرنيچر جو وڏو دڪان آهي. مان اُن ئي ميونسول ۾ هڪ ڪچو ڪلارڪ هئس. هاڻي نه آئي ئي فقط پگهر ٽيل ڪلارڪ آهيان.

مان موٽائيڪ تي پنهي رفتار سان اڳيان وڌي رهيو هئس ۽ هن سڀڙا ٽاڪيز ڪان، اڳيان هوٽل جي ڪنڊ ڀڪڙي رستو اورانگهي ڀڳي پاسي وڃڻ چاهيو. منجهند جي ڀيڙ اُس سبب رستي تي واڌ جي پيڙ گهٽ هئي.

هن ئي خيالي ۾ مون ڏانهن نهاريو ۽ ڇڙ لاءِ هڪ وڏو ٿوو ڏنائين.

شايد واقعي مان ٿوري گهڻي به ڪئس. اڃا ٻيو ٿوو ڏنائين ٿي. نه مونکي سچائي ورتائين ۽ ٻيو ٿوو نه ڏنائين. هو ٻيو ٿوو ڏيڻ جي انداز ۾ آيو ٿي. پر هن ٻيو ٿوو نه ڏنو.

پهرئين ٿوي کان اڳ شڪل اهڙي ئي ويس ۾ اڇو او

ڏڪ ڪائي. منجن ۾ هراس. شايد ڪوءَ سوچيائين: اسين ساڻ انين نه ڪي ۽ اڄ مون سان نه انين ٿيندو. ڏڙام- سمڪش!

ڇان!

ڇان!

ڇان!

مونکي ڏسي شايد ڪيس ارمان ٿي ٿيو. هڪدم ڏيکاري اڇڙي ڏنائين جڙ هن اهو ٿيو نه ڏنو هو. ڪجهه اڇڙي نه ڏيکاري ڏنائين ته مون اهو ٿيو نه ڏنو هئو. پاڻ سمجهي ٿو ته مون واقعي اهو ٿيو نه ڏنو هئو ۽ انکري ڪيس هڪدم خاطري ٿي ويئي ته هن اهو ٿيو نه ڏنو هئو.

مون پنجاه ڪن قدم پريان موٽائيڪ کي هڪڪي ٻرڪ ڏني. بيل نه وڃايو ته سنڀال ڪئي آڏامي نه وڃين. اگر هو مڌهڇي موٽائيڪ هيٺان آيو ٿي ته آمدرفتي ٽيمن جي ڇڪڙي جو ڏوه مٿس لڳندو- مونتي ڪونه لڳندو. مون ٻرڪ نه ڏني ۽ بيل نه وڃايم ۽ مان رستي جي ٻڌهه ڪابي هئس ۽ هو هڪ ڪهڻيءَ مان ٻڪري سڌو وڏو رستو اورانگهي رهيو هو.

هڪ دفعو مونکي سچاڻ بعد هن وري نه ساڃي نهاريو نه ڪابي نهاريو. نه ٻيٺو. نه ٽڪڙو هليو ۽ نه آهستي. ڪيس ٻڌين ٿي ويو ته ساٽس کو حادثو ٿي ٽٽو سگهي. هن اهو ڏيکاريڻ ڇاهيو ته ڪيس ٻڌين آهي ته ساٽس کو حادثو ٿي ٽٽو سگهي.

دراصل هن جڏهن ٿيو ڏنو ، تڏهن ٻڌ ڪليل ڪوٽ جا ٻئي پاسا ڪابي هٽ سان جهليائين. جنهن ظاهر ٿي ڪيو ته ونس پٺسا ڪونه هئا. هن ٻرت ڪوٽ جي ٻنهي پاسن کي نه رڳو مظبوط جهليو ، مگر اهڙو زور سان جهليو جو سندس ٻڏي ۽ ٻڪڙي جسم جا هڏا ۽ نڪص ظاهر ٿي ٻيا ۽ لڳو ته هن ڪوٽ کي نه پاڪي ٿي سنڀاليو ته ڇان.

ڪجهه ڀڳو. ڪجي ڀگهه ڀڪيءَ جيان. بدن اڃان جڙ پڪڙ ڪڙ هڪ ٻئي مٿان چڙهي ٻيٺا آهن. پنج ڪمڙ هڪ ئي وقت، هڪ ئي انداز ۾ ٽپ ڏين ته سندن سرڪسي انتظام ۾ ٿوري گهرگهلائي ضرور ايندي. سندس بدن جڙ، مٽيون منهن اڃ گولائيءَ ۾ ڀرپور ٻيد جو ڪاٺ. هڪ ٽپو ڏيڻ ۾ مونکي سمجهڻ بعد هو ان ريت ٻيٺو هليو، جڙ ڪمڙ کسي پار ڪئي. جڙ ٻيد جو ڪاٺ ٻنا ماٺوءَ ڪٽ اڀرڻ لڳو.

هنجي چهري ۾ وڏيڪ ڏپ ڇو، نه، ٻڌا ٿيو؟

ڇا هو ائين ٿو سمجهي ته مان هن سان حادثو ڪري ئي نٿو سگهان؟ ڇا هو ائين ٿو سمجهي ته منهنجي موبائيڪ ايڈي طاقت نٿي رکي ته ڪيس اڏائي ڦٽو ڪري؟ ڇا اهو ممڪن ڪونهي ته مان ڪنهن طرح، غلطيءَ وچان ئي سهي، مٽس فاتح ۽ انريٽ ڪانڪس مٿاهون ڏسڻ ۾ اچان ته خسيس ماٺهو ۽ پنهنجي خسيسپڻي سان غير خسيس ڏسڻ ۾ اچي سگهي ٿو جڏهن ته سوال غير خسيس ٻڌڻ جو نه آهي؛ مگر هڪ پل لاءِ ئي سهي، هن لاءِ ته، مون لاءِ پوريءَ ساڻس برابريءَ ۽ پوءِ اناهون ٻڌڻ جو آهي؛ چاهي ته اهڙو موقعو مون ڪونه ڳولهيو ۽ هن خود مهيا ڪيو؛ پر ٻيو ٽپو نه ڏيڻي ان موقعي کي هن اڃي جو اُڃي ماري ڇڏيو. هو، منهنجي واهر هيڻان اڇي سگهي ٿو، هو مون کان اهو ڇاڻڻ جو حق ڇو ٿو ڪرڻ چاهي جو حق، ناحق، هڪ اڪارت ٻڌا ٽيل اتفاق آهي.

ڀاڪ ٻڌائڻ انساني فطرت آهي؛ هو ان رواجي ڄالهه کي لڪائڻ جي ڪوشش ڇو ٿو ڪري؟

ڇا آهي جو منهنجي من ۾ ڪجهه ڏنڊلو، مٿهم، اڳ نه ڄاڻل آهي، جو مان سمجهي نٿو سگهان؛ من جي ڪوٽ ڪوٽ ڪريان ٿو ته هن ڀاڪ ٻڌائڻ جي انساني اظهار کي لڪائي ڇاڻي ڀانو؟

۽ هن چا ئي وڃايو، جو منهنجي خيال ۾ نڪي وڃايائين؟ ويس جان ٿي. ۽ جان نه. ويس. اُن وقت جان نه وڃي هئس! هن کجهه نڪي وڃايو ۽ چو انين سمجهيائين ته هن کجهه نه وڃائي نه کجهه وڃايو ٿي. کجهه به نه وڃائڻ جو اهو کجهه ڇا آهي، جو من جي ڪهن ۾ ڀڪيو پيو آهي ۽ اُتان باهر نڪو نڪري؛ حالانڪ مان من جي ڪوٽ ڪوٽ ڪري رهيو آهيان ۽ اهو کجهه ڪهن هيڻان ڪهن، اُنهن هيڻان ڪهن ۾ لکو وينو آهي؟

هن مونسان ڪڏهن به نه ڳالهايو آهي. منهنجي ڳالهائڻ کي نه کا اهميت ڏي نه آهي. انکري جيڪڏهن مون هن سان ڳالهايو ۽ هوندو ته اهو طئه شده آهي ته مون هن سان ڪونه ڳالهايو آهي.

مونکي ارمان اهو آهي ته جڏهن مون هن سان ڪو حادثو ڪونه ڪيو آهي؛ انکري هوءَ منهنجي حادثي جو شڪار ڪونه ٿيو آهي ۽ ڪيس خبر آهي ۽ هن ڏنو ته مون ڪيس حادثي کان بچائڻ لاء بريڪ ڏني، بيل نه وڃايو، پوء هن چو نه ظاهر ڪيو نه ڪيس بچائڻ جو اهو ڪم مون ڪيو هئو ۽ هن چو نڪي ٻڌيو نه مون اهو ڪم ڪيو هو؟

هوءَ ميونسپل هال ۾ قدم رکندو نه ملازمن جا هٿ سلامي ء لاء سندن ڪنن تائين پهچي ويندا. پوء ماڻهو گم هوا ۾ فقط ڪن ۽ سلامي ء وارا هٿ. هن هڪ ٻوٽو ڏنو ته مون اهي ڪن ۽ سلامي ء وارا هٿ ڏٺا.

هوءَ اهو ڏڪو لڪائي وٺو ته هو منهنجي واهڙ سان ٽڪرجي، اڏامي سگهيو ٿي. سندس جسم گول ٿلول ۽ ڏنگا ڏڏا وراکا کائي ها ۽ گيسجندو، اڃين حالت قائم رکي ها. ڇو طرف ڪن ۽ سلامي ء لاء اُتيل هٿ. هن اهو چو نه ظاهر ڪيو ته هو منهنجي واهڙ کان، حادثي، يا لڪجي، ٻي ٻانهون ٿي ڪري، ٽوڙو

ٻرہ‌ان، اُتو، پڻيءَ ۾ ڪري سگھيو ٿي ۽ ٻوءَ مٿي طرف گيسجندو وڃي سگھيو ٿي؟

هن جڏهن ٽپو ڏنو ته سندس ڪليل وات ٻڌا آواز جي ٻڌاءُ نہ اوچتو، سندس وات جيان ڪلي ويل اکين اهو ڏسي ورتو نہ هن سان حادثو ٿي چڪو آهي. هو مرڪ واري حالت ۾ رهڻ ي پٽاريو ٻيو آهي ۽ چوطرف، اوچتو ظاهر ٿي ويل ساڳي ماپ ۽ انداز وارا پختي نمونی قائم ڪن ۽ سلامءَ وارا هٿ سندس پٺ تي ڪرڻ باوجود سندس وڏماڻهپائيءَ جي خوشامد ڪري رهيا آهن.

ڪيس، اُنهن لمحن ۾، هڪ لمحي جي ٽٽل حصي ۾، يا ٽٽل حصن جي وٽين ۾، ان اُميد جو خيال نظر نٿو اچي نہ هو ٻڌندو!

سندس ڪليل اکين اهو سڀ ڪجهہ ڏٺو آهي، جو اُنهن اکين مان مون ڏٺو آهي، انڪري اهو ٻہ طئہ شدہ آهي تہ حادثي کان اڳ، حادثي نہ ٽيڻ کان اڳ، انهن اکين حادثو ڏسي ورتو آهي، جو حادثو نہ ٽيو آهي ۽ هو درد کان ٻي سرحد رهڻ ي ڪري ٻيو آهي، جڏهن تہ هو ڪري ڪونهي.

سندس اکيون ٻڌائين ٿيون تہ اڳ اُنهن غلط ٻڌايو آهي ۽ هاڻ صحيح ٿيون ٻڌائين تہ اُنهن اڳ غلط ٻڌايو آهي ۽ اڳيون ٻڌايل ظاهر ٿو ڪري تہ اُن اهو صحيح ٻڌايو آهي ۽ هاڻي هو غلط ٻڌائي رهيون آهن. اکيون چون ٿيون تہ چاڪاڻ جو هن سان اڳ ڪوبہ حادثو ڪونہ ٽيو آهي، انڪري هاڻ بہ ڪونہ ٽيو آهي؛ ٻہ حادثو، جڏهن بہ جنهن سان بہ، جنهن وقت بہ ٽي سگھي ٿو؛ تنهنڪري هن سان بہ ٽي سگھي ٿو. حادثو مانسڪ سطح تي هن سان ٽي چڪو آهي؛ ٻہ حادثو ڪونہ ٽيو آهي؛ انڪري اکين جو ڇيو آهي اهو غلط آهي، ڇو جو اکين جو ڇيو

اُهو من جو حادثو هو ۽ حادثو ڪو ٽيو نہ آهي، انڪري اڪين صحيح ڇيو نہ اُنهن غلط ڇيو آهي ۽ جـو غلط ڇيو آهـي سو صحيح ڇيو آهي.

اڪيون سچيون آهن. ٻل ۾ هڪ سچ. ٻل ۾ ٻيو سچ. انئر وروڌي. اڪيون اکـ چڀ ۾ سچ ڳالهائين تہ ڪوڙ ٽيون ڳالهائين. اڪيون اکـ چڀ ۾ ڪوڙ ڳالهائين تہ سچ ٽيون ڳالهائين. سچ تـ وچڪو آهي. اڪين جـي ٻيڙين لي رهي ۽ هيـٺ لهي ڪوڙ ڳالهائي. اڪيون ڪوڙ ٻڌائين تـ سچ ٽيون ٻڌائين. سچ ڪوڙ ٿو ٻڌائي تہ اڪيون سچ ٽيون ٻڌائين. سچ خود ۾ ڪجهہ ڪونهي، ٻدليل استتيءَ جو تت آهي. اڪيون استتي ٻدلائين ٽيون. استتيون طئہ ٿيون ڪن تہ اڪيون سچيون آهن- جي سچ ڳالهائي سچ لڪائين انڪري ڪوڙ ڳالهائي سچ ظاهر ڪن. اڪيون سچيون آهن.

منجهند جو لڳ ڀڳ خالي رستو. هو هڪ دفعو وري حادثي جي جڳهہ تي پهچي ٿو. مان هڪ دفعو وري ٻرهان ڪاهيندو ٿو اچان. هڪ ٻريڪ. هڪ بيل ۽ هنجو هڪ ٽپو. هو پنيءَ ۾ واپس گهٽيءَ جي منهن وت. مان اُلٽ پنهنجي جڳهہ تي واپس. هنجو حادثي جي جڳهہ تي اچڻ. منهنجي ٻريڪ ۽ بيل. هنجو هڪ ٽپو. هوا ۾ ٻيئل، چوطرف ڦهليل ڪن ۽ سلاميءَ وارا هٿ. وري هو واپس. وري مان واپس. وري هو اڳيان. وري مان اڳيان.

هو ان خاطريءَ جي ٽلاش ۾ تہ مون اهو ڪونہ ڏٺو آهي تہ هن منهنجي واهڻ کان بچڻ لاءِ هڪ ٽپو ڏنو ۽ مان ان ٽلاش ۾ آهيان تہ هن مون ڏانهن اڻين چو ڏٺو تہ مون ڪيس ڪونہ ڏٺو تہ هن منهنجي واهڻ جي حادثي کان بچڻ لاءِ هڪ ٽپو ڏنو.

حادثي کان اڳ ٻريڪ ۽ بيل.


بيل.

بيل گھر ۾هوان. هڪ ٽيليفون جي بيل. بيل. بيل. ڇڪي تاڻي، هڪ آفيس جي ٽيبل تي رکيل بيل. بيل. سلام. مان نوڪر حاضر. نوڪر سلام، مان حاضر. سلام هجي نہ هجي، نوڪر نوڪر آهي. بيل ـ نوڪر حاضر. بيل نوڪر حاضر. بيل نوڪر حاضر اگر ساڻي ڪرسيءَ تي وهي نوڪر بيل وڄائي تہ ظاهر فقط هڪ ٽهو. جو ڪنهن ڏنو ۽ ڪنهن ڏسي ظاهر ڪيو تہ هن ٽهو ڪونہ ڏنو. ڪو ڪنهن جو ٽهو ڏسي ڪيئن ٿو سگهي؟ نٿو ڏسي سگهي، انڪري نٿو ڏسي. ڇو تہ هڪ هيناهون آهي. اهو هيٺ آهي. جتي تہ ڪو هيٺ آهي، اُتي هيناڻين آهي. تنهن ڪري ٿون ائين سمجهہ تہ نہ ٿون منهنجي مڃان ٿو اچين، نہ مان تنهنجي هيٺان ٿو اچان، جو هيناڻين جو اُصول ئي سان لاڳو آهي، ان ڪري ٿون هيٺان ٿو اچين ۽ مان مڃان ٿو اچان.

هن ڏنو تہ ڪنهن ڪونہ ڏنو تہ مون بيل وڄائي ۽ هن ٽهو ڏنو ۽ هيناڻين ۾ هڪ سبب مون اهو ٽهو ڪونہ ڏنو، ان ڪري هن اهو ٽهو ڪونہ ڏنو. ان ڪري هن ٻيو ٽهو ڪونہ ڏنو، ڇو تہ ٻيون ٽيون ڳالهہ ڪندو تہ هن ٽهو ڏنو ۽ جو ظاهر ٿو ڪري تہ اُن کي ٽُل لاهي ۽ هيناڻين هڪي تہ ٿون منهنجي مڃان ٿو اچين ۽ مان تنهنجي هيٺان ٿو اچان ۽ چاڪاڻ جو ٿون هيٺ آهين ۽ مان مٿي آهيان، ان ڪري مان هيٺ نٿو اچان ۽ ٿون مٿي نٿو اچين ۽ مان ڏسان ٿو تہ ٿون ڏسين ٿو تہ مان تنهنجي هيٺان نٿو اچان ۽ ٿون منهنجي مڃان نٿو اچين ۽ مان ٻيو ٽهو نٿو ڏيان جو ٿون منهنجي هيٺان ٿو اچين ۽ مان تنهنجي مڃان ٿو اچان ❁

(چنڊ ۱۹ آڪٽوبر ۱۹۸۵)

هي صفحو اصل كتاب ﻣ خالي چڈيل هئو. .



● ٻند ٽيبل لئنگهه

نه ، مان پنهنجي قسمت جو فيصلو. اوهان لي نڏو ڇڏيان. اوهان مونکي ڏسندا نه. اوهين چاهيندا نه مان اُهو رستو ٽي ڇڏي وڃان. اوهين نه چاهيندا نه منهنجا وار سنوارڻ ۽ منهنجا ڪپڙا اُڇا هجن. اوهان مونکي نه هڻجن ڪوئي پنهنجي سيم هٿ جو مثال پيش ڪندا آهيو، مگر جيڪو اوهانکي نه وڻي، اُنکي پنگي ڪوئي گار وري نه اسانکي ڏيندا آهيو.

نيڪ آهي، اخبار ۾ اڄ منهنجي خبر ڇپي آهي. مونکي بيهوشيءَ ۾ هٿي آندو ويو - ڇو جو مون مار کاڌي. مونکي ڪو اعتراض ڪونهي نه مان اڇوت آهيان. مگر انڪري مونکي مار ڏني وڃي، اِنجو حق ڀين کي ڪيئن ٿو ملي؟

مان صبح ساڻ رستي لي ٻهاري پاڻان. گند ڪچرو صاف ڪريان. اکين ۾ نڪ ۾ مٽي گهسندي وڃي. اوهانجي ڀرسان کا بس لنگهي ۽ مٽي اُڏامي نه اوهين ڪنڊڪٽر کي گاريون ڏيندا ڪمينو- ڪتو! مان ڪنهنکي گاريون ڏيان، جنهنجو هر صبح مٽيءَ جي اُٽيل غبار ۾ گذري؟ اُهو ڪنهن ٻاڙي لاهه لي ماڪ جو ڏنڊ ڪونهي.

اسانجي هستي اِها نه پنجن سالن ۾ هڪ دفعو سرڪاري ووٽ وٺڻ اچي. باقي ڳوٺ ۾ سڀو ڏاڪو ارهمڙ مهراج جو. هو وڏن

● ڊاڪٽر ٻابا صاحب امبيدڪر جي ٻڌ ڌرم ۾ داخل ٿيڻ واري ڏينهن ڪيل سندس تقريرَ کان متاثر ٿي نڪيل.

جيولش ۽ وڳيان جو جاڻو آهيئي. اُنهي مڇتا آهي. جتان لڳهي ماڻهو منهن ڪي گوڏن تائين آڻي ۽ هٿن کي اڳا ۽ هيٺ ڪري ڪيس نمسڪار ڪن.

. اهو مهاراج، صبح جو مندر مان نڪرندي مونکي ڏسي منهن انين ٻري ڪندو، جڏ مان ڪنهن ٻئي ڳوٺ جو ٻيو برهمڻ آهيان. شايد ڪيس پسند ڪونهي ته مان اُن وقت وستي لي ڀاڳي ٿو پاڻان، جڏهن هو "هري اوم" ڪندو مندر کان باهر ٿو نڪري.

ٻڌين انين نهاري جڏ مان سندس نڪ ڪي ويل گا مڪ آهيان. وس پڇيس ته نڪ ڪپائي ڇڏي. اڳا ۽ وس پڇيس ته پنهنجون اکيون ۽ ڪپائي ڇڏي ۽ جيڪڏهن اسان پنگين کانسواءِ صفائي ڏي سگهي ته ٻيو ڪجهه نه ڪري اسانکي صفح هستيءَ تان مٽائي ڇڏي.

اُسان لاءِ مندر ۾ اڇڻ ڏي منع. ٻلڪ تان پاڻي ٻرڻ جي منع. مگر، سرپنچ جي پٽ، ڪرشنا جي ڏيءَ سان ٻلاتڪار ڇو ڪيو؟- ڪنگا کلڻي عام ڇيو: رام مونکي ڇيو ته- مان اُڇوت آهيان. مونکي ڪنهن نه ڇهيو ڪونهي!- مون پڇڻ جي ڪئي مگر هن منهنجو ٻوٽ ٻڌي مونکي ٻولڻ ٻڌائي ڇڏيو. رام کي فڪ اها سزا ملي ته هو نه مهينا ڪوٽ ڇڏي ناناڻي وڃي. ڪنگا کوه ۾ ٽپو ڏيڻي ٻاڻ ماري ڇڏيو.

هڪ شام اُسين هوڏين پاڻو، هڪ ڏهيل هوڏين جوان کان تلسيءَ جون ڇوٻاڙون ٻڌي رهيا هڪاسين جو اسانجو اهـو ٻاڌ لاڏواسيءَ جي وڏي آواز سبب بند ٿي ويو.

مهاراج ڪيو ماڻا ٻاڌ ڪجهه هن ريت ڪالهايو:

ـــ گانڌ ماڻ آهي جو اُن جو ڀاڻو ڪير ماڻ جي ٿيڻ جي ڏاڻي آهي.

— گڏو موٽر ٻيڙ سان عمر سوا سؤ سال ٿئي ٿي.

— مڻي تي تازو گوبر رکڻ کان شوبر خطرناڪ بيمارين کان بچي ٿو.

— هندستان کيتين جو ملڪ آهي، جتي ڏيڳا هر ڪيڙيندا. ڏيڳن کي گاءَ جنم ڏئي ٿي، ٽوڪرن کي پٽرول ٿو گهرجي؛ ان لاءِ اسانکي گهٽو وديشي ناڻو ڏيڻو پوي ٿو. ڏيڳا آسانجي فارين آپڪسيجن ڀاڻين تان گاءَ نه هجي ته هندستان هڪ سال ۾ زنده رهي نه سگهي.

سامهوُن هڪ گاءَ بيٺي هئي. مونکي لڳو ته واقعي اها ماءُ جهڙي آهي. شانت سدا ڏيندڙ. نماڻي. انجي اکين ۾ ممتا.

مهاراج جو پاڻ سماپت ٿي چڪو هو. مان اُن گاءَ ڏانهن هلڻ لڳس ؛ جيئن پيار مان سندس ڪچيءَ ۾ بانهن ٿي وڌم ته ڏٺم مهاراج بلڪل سامهون ٿي آيو ؛ هنسان ڏڪ کي گڏو- پڳٽ ٻڌ هيا.

ٿيٽي جي روشنيءَ ۾ سندس پيٽ ۽ ڳلا هميشه وانگر باهر. مڻي ٿي پٽڪو ؛ پيشانيءَ تي تلڪ. اکيون جڻ شمشان ڀوميءَ جا ٽاڻيل جوش ۽ آواز بلڪل لاوڊ اسپيڪر جهڙو:

"پنگي- گڏو ماتا کي هٽ ٿو لڳائين؟"

"پريو- ماءُ کي ڇهڻ ته پاپ کونهي!"

"جواب ٿو ڏين يا شرم؟"

مون پنهنجون نظرون هيٺ جهڪايون جو ڏٺم ته گهٽن گڏو پڳٽن هٽن ۾ جوتا ڪنيا. شايد مونکي ماءُ نه هئي؛ انڪري گڏو ماتا ڏانهن گهٽو پيار جاڳيو هئم. جڏهن ماٺهن جوتا ڪنيا ته واقعي مونکي پنهنجي اَصل ماءُ جي ياد آئي. اها هجي ها ته خود ۽ جوتو ڪڍي سندن سامهون اڇي ها ؛ شايد چوي ها ته پرمچند جواب ڪونه ڏنو- پرمچند فقط سوال ڪيو آهي سوال

اڳيان برهمڻواد گونگو آهي.

"هڪدم اکين ڪان ٽري وڃ. ڏسڻ جو اڃي زنده ٻوراڻي ڇڏيندوسان ء."

مان ڪنڌ هيٺ ڪري هلڻ لڳس. مونکي لڳو ته منهنجي اڳيان منهنجو ٻيءُ هلي رهيو هو ۽ هنجو ڪنڌ هيٺ هو. اُن اڳيان منهنجو ڏاڏو، پڑڏاڏو، ترڏاڏو. سوين اڳيان ۽ سوين پٺيان ٿي هليا. هزارن سالن کان اُهو ڪنڌ هيٺ ڪري هلڻ چالو هئو. آسان ڪڏهن ڪنڌ مٿي نه ڪيو ته اُن کان الڳ ۽ بهتر ڪا بي زندگي نه جي سگهجي ٿي ۽ جنم جنم کان ڪنڌ هيٺ ڪري هلڻ جو سلسلو ٽوڙي سگهجي ٿو.

اڄا اڳيان وڌيس ته پٺيان هڪل ڪيائين "وڃي ڪاڪوس ۽ ڪسيون صاف ڪر." سوچيم ته چوانس: "اسين جو ڪاڪوسن ۾ صاف ڪا ڪريون آهو اوهين پيٽ ۾ ڪٽي ڪا گهمو!"

آسانجي هستي فقط ذلت سهڻ جي داڻي تائين محدود آهي. اگر اسين پنهنجي زندگيءَ کي نئون موڙ ڏيڻ لاءِ مذهب بدلايون ته ٻوءِ سڀ مهاراج گڏ ٿي چوندا: ڏرم خطري ۾ پڻجي رهيو آهي.

ڏرم بچائڻ لاءِ هُو اسانکي هميشهه لاءِ ذلت جي زندگي بخشين هنن جي وڏائي اڃا نه هنن ڏرم بچايو ۽ اسين اوهڙي جا اوهڙا.

هو ٻگوان جي واٽ مان ڀڳدا ٿيا آهن ۽ اسين هنجي پيرن مان. اگر اسين نه هجون ته سندن ٻگوان پٽ تي ڪڇي ٻوي. جڏهن ٻگوان جا پير اڇوت آهن ته ٻوءِ هو ٻوڃا وقت سندن پير ڇو صاف ڪندا آهن؟ هو مو رکه گيائي آهن. ڀاڻ سان وڏا فاصلا ڪا ڪٽي گهمن. هو اوچا آهن، ان ڪري ڪريل آهن. ڪريل ماڻهو ئي بين کي ڪريل سمجهندا آهن. يا کو نقص سماج جي

روپ- رچنا ۾ آهي.

مان هلندو ويس. چاهيم تہ هلندو وڃان. ڪجهہ ان ريت، جو ڏرتي ختم ٿي وڃي. آسمان ختم ٿي وڃي. برهمانڊ ختم ٿي وڃي. مان هلندو وڃان. جتي نہ شهر يا ڳوٺ هجن. جتي نہ رستا ۽ ڪاکوس هجن. جتي نہ ماڻهو ۽ نہ مذهب هجن. جتي اوندهہ نہ روشني، جتي نہ شبد، نہ ارٿ، نہ اوٽ هيٺتا هجي. جتي نہ چيتن، نہ چنتن، نہ چنتا هجي. جتي فقط هڪ خال هجي ۽ اُنجو کو اَنت نہ هجي ۽ اِس اِن انت هيڪ خال ۾ هلندو رهجي ۽ ٻوءِ ٿورو ڀرڪجي، ڪرجي ۽ مري وڃجي. اهو مرڻ اِن ذلت کان بهتر آهي تہ ماڻهن جي وچ ۾، شبد ۽ ارٿ سان ڪنڌ هيٺ ڪري هلجي.

ڪن ڏينهن بعد اوچتو سڄي شهر ۾ سناٽو ڇانڀجي ويو ۽ ڪتان ڪتان روئڻ جا آواز ٻ اڇڻ لڳا جو مهاراج جي ماءُ دوارڪا مائي مري ويئي.

هوءَ ٻيڙي، صبوح مردان ڇڇي ڇيلهہ ٿي هٽ رکي، اڳڻ ۾ تلسيءَ کي پاڻي ڏيندي. اُلي اگهاڙيون ٻاري، اُنکي هٽ جوڙي ٻارڻا ڪندي. مونکي ڏسي، ٿوري ٿوري سڄ جي روشني منهن ۾ آڻي، مونکي ٻانهن ٿي آشيرواد ڏيندي.

سندس مڙٽ جو ٻڌي مان ماضي اڌ ۾ ڇڏي اُٿيس ۽ جهوڙي کان ٻاهر آيس تہ ڪرشنا پڇيو: "ڪيڏانهن ٻاهر ويندءِ؟"

"گرياڻي گذاري ويئي آهي. اُنکي ڪلهو ڏيڻ ٿو وڃان."

"نہ وڃين تہ سٺو."

"ڇو؟" "اڇوت آهين."

"مان اڇوت آهيان - گرياڻي تہ اڇوت ڪانهي..."

"تون ضرور مار کائيندين. لڌهڻي مرضي. ۽ وڃين تہ گهٽ ۾ گهٽ سنان تہ ڪري وڃ."

"سڀان مون ڪيو آهي."

"هڙپ ويندءِ."

"اها ڪنهن کي هڏي برڻ مون وٽ وڃائڻ جي اهڙي ڪا چيز ڪانهي!"

مان تيز رفتار سان اڳي ٻڌس مهاراج مونکي ڏڻو ٿو سندس اکين مان ڳوڙها گر ٿي وياء. هڪ پگهٽ کي چيائين، "هنکي هتان ڪڍو. اگر هيءُ ماڻهو ڏينڊو نه هوء نرڳ ۾ ويندي."

گرياڻي نرڳ ۾ ويندي يا نه، اهي لفظ نه ٻڌڻ ئي ڪنداء. ۽ مان ڪين اهو ڏسڻ ٿو اها منهنجي ڇاڻ سبب نرڳ ۾ ويندي. مان سڄي ڳوٺ جي گرياڻيءَ کي ڪاهو نه ڏينڊس.

واپس ڪرشنا ڀڳيو: "جلد اڳي وڃين — چا ٿيو؟"

مون ڪنڌ نه وراڻيو مگر هڪ پل لاء هن ڏانهن نهاريم. سمجهيم نه هن منهنجي اڻ آڏي نظر ۾ منهنجي آتما جو درد ڏسي ورتو. ۽ مان گهر وڃي، ايترو پٽ ئي ليٽي پيس.

هڪ دنيا آهي، جنهنکان ٻاهر اسين آڇوت وسون ٿا. وڃڻ ڏسڻ ۾ نه ايندڙ ڪي سخت ۽ اوڇيون پٽيون آهن، جي اسان کي اڃي وڃڻ نٿيون ڏين. اسين فقط تماشين ٻڌي ٿو ري ڪجهه. اها دنيا ڏسي ٿا وڻون، جتي اسان لاء فقط رستا ۽ ڪاڪوس آهن ۽ اوڏانهن وڃڻ ۽ اڻان واپس اچڻ لاء ڪي ڊڪيل ۽ مڪروه لڳهه آهن.

اڄا گرياڻيءَ جي گذرڻ جو صدمو برداشت نه ٿيو هو تہ خبر ٻڌي ته مندر واري ڪاڻ ۽ مري ويئي هئي. مهاراج، ماڻهو موڪليو ته پريمچند — ٿون هڪدم مندر ٻاهران ٻڌي وڃ — ان هريجن ڪي نه ولي اڄ.

مان اڇوتن جو ٽولو وٺي مندر ٻاهران ٻڌس، جتي ڪافي

ماڻهو جمع ٿي وڃا هئا. مهاراج نڪ ڪي پوشڪ ڏيو ٻٽ ٿي مٿل گاڻ ڏانهن نهاري رهيو هو. مونکي ڀرپاڻ ٿي چيائين، "پرياڳ - جلدي ڪري، هنکي هتان کڻو. بانس ۽ مٽو ڦري رهيو آهي."

مون هلکي آواز سان چيو، "ڪٽو ته هڪ ماڻا آهي."

"ها" مهاراج چيو، "ڪٽو اسانجي ماڻا آهي."

"اوهان مونکي اهو حق ته ڏيو ته ماڻ اوهانجي ماڻا کي کلهو ڏيان؟"

"مطلب؟"

"اوهان ٿي هاڻ ڪٽو ماڻا کي کلهو ڏيو."

مهاراج جواب جي ڳالهه ۾ ڪن ڪونگو ٿي وڌو.


"اوهان خود منع ڪئي ته ڪٽو کي هٿ نه لڳاءِ."

۽ مان ڪنڌ مٽي ڪري هلڻ لڳس.

اوچتو ڪنهن ڏڪو ڏنو، منهن تي جوڻ مٽان جوڻا لڳڻ لڳا ۽ مونکي اکين ۾ آڪاش گهمندا سان گڏ ڏرو ٽاڙو ۽ سوٽ رشي به ڏسڻ ۾ اچڻ لڳا. بعد ۾ مونکي خبر اهڙو وڃو ته اخبار ۾ منهنجو نالو ڇپيو آهي ته گهٽتر سبب هوڃڻ بدفضيلتا ٿي پيا آهن. ❁

سومر ٢٣ ڊسمبر ١٩٨٥

هي صفحو اصل كتاب ﻣ خالي چڈيل هئو. .



● هستي

مان چا سچو ڏينهن فوت پاڻ لي ليڏيو ويو آهيان؟ نه- ڪڏهن نه ليڏيو آهيان مان. مگر مونکي اهو وڻي ٿو ته مان سچيان ۽ ظاهر ڪريان ته مان سچو ڏينهن فوت پاڻ لي ليڏيو ويو آهيان.

اسٽيشن وي. ٽي. مين ۽ اوڪل لائين کان باهر نڪرجي نه هڪ هميشه ڪليل ڦاٽڪ. کاڀي، جي. پي. او. جو پٽيون پاسو. ساڄي ٿو رو پريان پاڻيا گاڏين. کاڀي رستو. ساڄي رستو. اڳيان رستو جو هڪ ڏري فائونٽين ۽ ويو ٻئلڊ پيئر وڃي. اُنکي مان بمبوڪري چوان.

بس، اُن گيت جي باهران رنگن سان شڪ ڀ جي سائين بابا جي تصوير نڪتل آهي. مونکي اهو وهم وڃي ٿو آهي نه اُن تصوير کي پنهنجي الڳ هستي آهي. شخصيت آهي. آتما آهي.

صبح اوڪلن مان ماڻهن جو دريا هر وهي ۽ اُن دريا هر هر ماڻهو وهندڙ ڪو ڪڪ، پن، گل، ڪاٺ جو ٽڪڙو يا لاش جي ڄاڻهن لڳي. ڪڙا ڪڙا. ليز ليز. ڄڻ ڪٽي ٻيهٽو نه آهي. ڏسڻو نه آهي. ڪير ڪونه ڏسي نه ڪو پنهنجت ۽ قميص وڃهندو ٿو وڃي. ڪو ڪنگو ڪندو ٿو وڃي. ڪو ٻيلٽ ٿو ٽيڪ ڪري، يا ڪا ٻلائوز کي چنڊي ٿي. هو خود ۽ اهو ڪونه ڏسن ۽ دريا هر وهندا وڃن.

اُن وهندڙ دريا هر وچ سائين بابا جو چتر اُنين ڄڻ سندو هر ڪو ساڌ ٻيلو. ڪو ماڻهو ان کي نه اورانگهي. ڪو کاڀي ڪو

ساڃي ڀاسو ڪري هلجو وڃي. درياهه جو ورهاڪو ٿيو وڃي.

مون اهو سڀ صبح ڪان فوت پاڻ ئي ليٽي ڏٺو آهي.

-موٽڪي ايڪو ۽ انڪري مان اُن فوت پاڻ ئي ليٽي ڀيس نہ اهو مان آهيان ۽ وهندڙ ماڻهو زندگيءَ جون زيادتيون آهن، دباءُ آهن، ڏکيون ۽ مصيبتون آهن ۽ جڏهن جڏهن ڀڻڪاري مان گهيرايو ڀيو آهيان مگر منهنجو الڳ وجود قائم آهي.

* * *

نوڪري ۽ عزت؟- عزت حاصل ڪرڻ لاءِ مالڪ ڏانهن ڀوندو آهي. نوڪري ۽ عزت ..... ڪليڪٽ ڀونڊ سڀڪري آنڊيا گيٽ لاست.

* * *

ڪوبتا؟- هان، اها منهنجي اکين ۾ سندرتا ڀري ٿي. مگر اُن سندرتا کي مان ڪيئن قائم رکيندس، اڳر منهنجو پيٽ خالي هوندو؟ نا! ڪوي ۽ روزگار نہ ٿيندا آهن. اي روزگار ڪوي ٿيندا آهن! ليٽ اُس پارٽ! ليٽ اُس ڪس انڊيا پارٽ! (ٻاڙن).

* * *

هان مان نوڪي ڇڏيان ٿو. هر ماڻهو، ڪنهن نہ ڪنهن وقت، ڪنهن نہ ڪنهنکي ڇڏي ٿو. مان ڪميدو، دوڪيباز ۽ مڪار آهيان. مان بلڪل انهين نئين ڇوان نہ منهنجي ڪرئچوئيشن مونکي اهو وشواس نہ ڏيڻيو آهي نہ مان نوڪي ڪا سلامتي بخشي سگهان.

* * *

ت ر ر ر ر ر پ- چ- آئن- ابن- ابن- ابن. ٽڪ. هڪ.

بس ٻي رهي. مان اُن هيڻان اڇي مري وڃو آهيان. مان خود پريان ٻي ڏسي رهيو آهيان. لاش مان ٻاڻي وهي رهيو آهي. رت؟- رت اُن ۾ ڪونهي. رت ڪٿي آهي؟- آرسيءَ ۾

ڪونهي.

* * *

— اگر مونکي معلوم هجي ها تہ ڪاليج پاس ڪرڻ بعد تون فقط ڪتاب ڪٽي بمبئيءَ ۾ رلندين تہ جڻ وقت ٽوڪي ڏيءَ ۾ ننهن وجهي ماري ڇڏيان ها.

ماءُ! تو اڃان ڇيو.

* * *

هڪ ماڻهو بس هيٺان ڇپائجي مري ويو! مان آهيان اهو ماڻهو. يي رڻو.

* * *

جو ماءُ کي خوش رکي نٿو سگهي، اُن مان ٻيءَ کي کڻڻ وشواس ؟:

ڏئڻ نهنجي وشواس کان وڏو منهنجو درد آهي؛ جو ڏاڍون ٻاڻ ۾ سمائي ويندو آهي. تون مون ۾ پنهنجو وشواس نہ منهنجو درد ڏس ڏئڻ!

* * *

اُن ڏينهن اِنٽرويو لاءِ ٽوکي شرٽ ڏنم. ٽوڪري نہ ملڻ تہ ڇا ٿيو؟ مون تہ دوستي نباهي. ؟ ڪن؟— ٽو ميري ٿي شرٽ واپس ڪئي — ڏاڍيءَ ۾ ڪونہ!

* * *

مزو آهي جو جسم هجي ؛ ڇيلهہ نہ هجي ؛ جو نہ هوندي ڪاڻ تہ پڇندي ڪاڻ! مان ٻاڻ ۾ ، ٻاڻ سان ، ٻاڻ ٻاهر جيڻان ٿو . سڀ ڪجهہ اڙ ڪرڻ وهندو ٽو وچي ؛ منهنجو اَستيتو قائم آهي.

* * *

هاڻ درياهہ اُلٽو ٿو وهي. تت ٻاڻ ٿي ليڏي مونکي خاطري

ٿي چڪي آهي ته مونکي اُن چتر جيان اَلڳ وجود، اَلڳ شخصيت آهي. ٻيون ٻارون آهن. هاڻ ماڻهو واپس وري رهيا آهن. جڳ زندگيءَ جون مصيبتون... ذلتون... عذابتون ۽ مان؟- چيلهه ٻڌا راضي.

* * *

مان ڏسان ٿو ته هاڻ اُهي ٻئي ماڻهو چتر کي اورانگهيندا ٿا وڃن. فقير گهٽو اَڳ پٺسا ڪٽي ڇڏيا. رنگ ڦهلجڻ ٿا لڳن. ماڻهن جي جوتن ۽ چمڙن ۾ اُڪري - ماڻهو - ماڻهو - ماڻهو - زندگي، زندگي، زندگي. مان فوٽ پاٽ ٻئي ڏسي رهيو آهيان ته هاڻ اُن جڳهه تي ڪو سائين ٻابا، ڪو چتر، ڪو رنگ ڪونهي. اُتي اَڌ وساميل سگريٽ، کي ٽيليون، خوشبودار جا چٽيل ٻڌا ڪڪ ۽ مٽي آهي. سڀ ڪجهه آهي. مان ڪونه آهيان. ●

(ڪوئنج ١٩٨٥)

★

ڪراچي هوائيل اسٽيشن جو مالڪ غفور ڪائونٽر تان آٽيو. هن خاڪي مان وسڪيءَ جو ڪوارٽر ڪيو ۽ ٽوڪر کي سوڊا آڻڻ لاءِ چئي خود ڪنڊ تي گراهڪن واري ڪرسيءَ تي وڃي ويٺو.

غفور دڪان ۾ هجي يا گهر ۾، ويٺو پاڪستان تان تاجمحل ئي رائگ اچي ٿو هوءَ وسڪيءَ جو ڪوارٽر ڪٽندو، پيئندو ۽ ماضيءَ جي ياد ۾ گم ٿي ويندو. سندس گهر ۽ هوائيل ٻنهي ۾ تاجمحل جون تصويرون ٽنگيل آهن. هو ان ڏانهن ڏسندو- ٻوءِ اندر نهاريندو.

ڏسندو ڀاڪيءَ ۾ تاج ٺري رهيو آهي.
ڏسندو پريون تاج ڪي پوچو هٽي رهيون آهن.
ڏسندو ٻاڪ تاج جا فرش ڏوئي رهيو آهي.

تاج محل بس جي مسافريءَ موجب سندس گهر کان فقط ٻه ڪلاڪ پري هو.

هو ڏهن سال جو هيو ته سندس وڏن ڪانپور مان ڪوچ ڪيو. بٽس چيس ته هاڻ مسلمانن لاءِ الڳ ملڪ پاڪستان ٺهيو آهي، سو اوڏانهن ڪوچ ٿا ڪريون. آن کي ٻه چوويهه سال گذري ويا. هن نديي هوندي تاج جا ڪيئي داستان ٻڌا هيا.

شاهجهان، بيگم ممتاز جي ياد ۾ هڪ ڪوڙهو ڪاريو ... فرشتن آهو جهڙي وڻتو ۽ هڪ راڄ ۾ آن مان انهن تاجمحل ٺاهي ورتو. هو جڏهن ڪاڏيءَ جي مٽان چڙهي ويٺا ته هن ٻڌجي والد

ڪي چيو: آيا اوهان مونکي تاجمحل ڪونہ ڏيکاريو.

والد چيس: اسين هندستان ڪان آهو تاجمحل ونداسين ۽ چيڪلن لي ڇاڏهي پاڪستان ۾ آڻيندا سين.

والد راه رهاڻي ورتي ۽ تاجمحل نہ چيڪلن لي ڇڏهي پاڪستان نہ نہ آيو مگر هونيل اسلامي جو بار سندس ڪلهن تي ڀيو.

اڄي رات جو اڪثر اوباش ماڻهو اچن. شراب پيڻ سندن اکيون ڳاڙهيل. ذهن خالي. جڙ ۽ روح بت. اڏ رات جو آئندا. غفور جي ۽ ساڻي حالت.

هن ڪو مهاجر ٻڌڻ لاء ڏاڍهي رکاڻي ۽ مچون نہ رکايون. آيا چيو: ڪي مسلمان کي مچون نہ رکائڻ ڪون. وري نيم سان نماز ۽ پڙهندو. آيا جي مڙت بعد خيال آيس نہ هونيل اسلامي بدران ان جو نالو هونيل آب ـ گنگا رکان. گنگا ۾ هن ٽيهون ڏينهون هيون. سندو سندين جي ڪجهہ ۽ هجي، آب ـ درياه نہ گنگا آهي گنگا.

۽ آها گنگا اڄ سندس اکين ۾ ڀرجي آئي جو تاج لي راڳ هلي رهيو هو.

سندس هونيل لا ڪاليج پرسان آزاد پريس جي پرئين پاسي ـ گر ساڄي طرف هئي. اگر ٻهي ڇـڳهين ۽ رستي جو نڪشو ناهجي نہ انگريزي اکـر "زيڊ" نهي پوندو. آها هونيل هڪ جمڙ نالي هندوء جي هونيل هئي جو مدو وقت ڪانونٽر لي نبد ڪندو هو. اهو مشهور هو نہ جمدو صبح جو ڪدو پڪت ۽ باقي وقت پنڪج ملڪ ۽ سڳل جا رڪارڊ هلائيندو هو.

هڪ دفعي گوشت جي ٽڪيء ۾ ڪي مکيون هليون ويون: جي نوڪر ڪيڙ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو نہ غفور چمات وهائي ڪڍيس. نوڪر چيس: سرڪار گراهڪن کي خبر ٿوروئي پوندي!

غفور چيس: گراهڪ کي نہ پوندي تہ چا- اسان کي پيئي، اهو کافي ڪونهي؟ هيءَ هڪ هندوءَ جي چڏيل هوٽيل آهي، اُن جي ياد ۾ هيءَ هوٽيل صاف ۽ اُجري رهڻ گهرجي.

چاهي تہ هن گنگا نديءَ سان محبت ٿي ڪئي مگر هن هوٽيل جو نالو هوٽيل آب- گنگا انڪري نہ رکيو جو اسلامي لفظ هن جي آباجان کي وڻيو ٿي تہ اسلام نيڪ نيت جو نالو آهي.

ڪيس هڪ دفعي خيال آيو تہ ڏاڙهي ۽ ڪوڙاڻي چڏيان. مگر هن جو آباجان پنهنجو وطن چڏي اُن ڪري پاڪستان آيو جو هُو هڪ پڪو مسلمان هئو ۽ هڪ پڪي مسلمان لاءِ اهو لازمي هو تہ مڇون نہ رکائي مگر ڏاڙهي ضرور رکائي.

سندس شڪل اهڙي ڪاري جو اُن اڳيان ٻئو بہ چند جيان چمڪڻ لڳي. اُن ۾ اڇيون اکيون اڻين جڻ ڪٻوُ شالا ۾ رکيل ڪرشن جو بت. ڪاري شڪل- اڇيون اکيون. اُن ڪاريءَ شڪل ۾ رت جي ايڏي ڳاڙهاڻ جڻ اُماس رات سوج ٻرڻ جي باڪ ڪيي هجي.

راڳ هلي رهيو هئو ۽ شمع مان جيئن هيڻ رڄي، هن جي اکين جي ڳوڙهن مان سفيد تاج هيٺ وهي رهيو هئو. اوه تاج! توکي دنيا ڏني ۽ مون نہ ڏنو. جو مسلمان تاج نٻو ڏسي اهو ڪافر آهي.

ڪراچي ۽ ڪانپور ۾ هڪ ڳالهہ سني اها آهي جو ٻهي هند اڙدو تمام سني ڳالهائي ٿي وڃي. پر ڪانپور، ٽوڙ پريان، بس معمولي پريان، جڻ ٻ قدم پري تاجمحل آهي. تاج جو مون نہ ڏنو. منهنجي اکين ۾ تاج جو تجلو آهي. هيءَ ڳوڙها نٿا ڳرن- روح مان تاج لو نڪري. ڳوڙهن جي زبان عالمگير آهي مگر اُهي نهايت خانگي آهن. اهو خزانو لڪل رکڻ گهرجي. هن ڳوڙها اڳهياء. ريڊيو هند ڪيائين ۽ ٻيو ڪوٽر ڪٽي هٿ پاڻي

وڃي پيٽ لڳو.

ڏسي ته نشي ۾ چور، مگر سهڪندو سهڪندو سندس يار عابد اندر آيو آهي. هن هڪ ڪلاس ناهي عابد کي ڏنو. ۽ پوء ٻهي جي ڪجهه هن طرح گفتگو ٿي.

"امان تو ڪجهه پڌو؟"

"چا؟"

"ڪجهه ٻڌو؟"

"آهه..... تاج جو راڳ پڌو يار."

"ز - نيوز!"

"نيوز ۽ چا آهي!"

"وڏي نيوز آهي!"

"وڏي نيوز تاج جي تعريف آهي ميان. باقي ته اُن ۽ ڪياڻان جي ڪواس هوندي."

"امان انڊيا - پاڪستان جي جنگ لڳي آهي."

"جنگ..... ها ها ها ..... مال مهانگا ٿيندا. گراهڪ رڙيون ڪندا. چوطرف ٻلڪ آئوٽ ٿيندي. هوٽلون ۽ گليون ويران ٿي ويندا."

"ميان هاڻ هندستان خلاص ٿيندو. لعل قلعي تي پاڪستاني جهنڊو لڳندو."

"الٽو اوير پاڪستان ٻنگلا ديش ۽ تبديل ٿيندو."

"ناممڪن. پاڪستاني هوائي جهاز زبردست همباري ڪئي آهي. آگره ته ساهه ۽ لوٽي رهيو آهي."

"چا؟"

"آگره!"

"آگره ۽ تاجمحل آهي."

"اهو ته ٽڪرا ٽڪرا ٿي چڪو هوندو."

"چا!"

"جملا جي ٽري ۽ ٽاجمحل جو سنگ مرمر ٽڏو ٿي رهيو آهي."

"مگر، ٽاجمحل ۽ دنيا ۾ اسلام جي وڏي ۽ وڏي تخليق آهي."

غفور پٿهڙون ٻاهون ٽيبل تي ڦهلايون ۽ اُن متان ڪنڌ رکي ڇڏيائين.

عابد وسڪيءَ جا ٻيڪ چاڙهڻ لڳو.

"چا ٿيو؟" عابد پڇيو.

"آگره..... آگره..... اُهي پاڪستاني ۽ آگره ٿي نه، منهنجي چاچيءَ ٿي ڪريا آهن. آگره منهنجو آهي - آگره منهنجو آهي."

چار گراهڪ اُٿيا. هڪ غفور کي اُٺاري ڏکو ڏنو. غفور، آگره ٽنهنجو آهي. هتي چا، ماڻهو..... آيو آهين.

اُڌ راڄ ماڻهن جي ڀيڙ جمع ٿي ويئي. غفور کي ڏک ڏيڻا ڏُڻشا ۽ ٽڪر هنيا ويا. پوليس آئي ۽ غفور کي گرفتار ڪري ويئي.

* * *


ٽئين ڏينهن اخبارن ۾ هن ريت خبر ڇپي.

هندستاني جاسوس گرفتار

ڪالهه ڪراچي محمد بن قاسم روڊ تي پرسان هڪ غفور نالي چوڏيهن سالن جو هڪ غدار هندستاني جاسوس گرفتار ٿيو آهي. پوليس ايان موجب هو ٻڌڪ آئوٽ ۽ ٻاڦنگ جي چس ۾ چڙهي ٽاڻ سان هندستاني جهازن کي روشني ڪري ڇڏي رهيو هئو ته: هتي ۽ ڪيراهو! ●

(سنگيتا ۱۹۸۵)

هي صفحو اصل كتاب ﻣ خالي چڈيل هئو. .



• عالمگير حڪومت جو وڏو

منهنجي گرائونڊ فلور واري آفيس جي بلڪل سامهون، رستي جي پئي طرف هڪ دڪان ٻاهران بيب ۽ ڏگهن وارن ڏاڙهين مڇين وارو آچاريه ڪرپو پيو آهي. جولاءِ جي ليز برسات ۽ هو چڱيءَ طرح اڪيون ڪولي نٿو سگهي ۽ لڳي ٿو ته جڙ مرڻ لي آهي. آچاريه اڃا چاهي ٿو ته اڃي نٿو سگهي. هٿ پير هلائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. آچاريه جيئڻ ٿو چاهي. سامهون دڪان ۽ ڪي ماڻهو وينا آهن. ڪين هڪ ٽرانسپورٽ ڪمپني آهي. يار خوش ٿيا ڏسڻ ۽ اچن. ان هاسپيٽل روڊ لي آمدرفت گهٽ هئي. آنو رڪشائون لنگهيون ٽي. مٽس وڏيڪ پاڻي ۽ گپ، پئي پئي. اڄين ۽ چار ماڻهو لنگهي چڪا آهن. ڪي هن سامهون ٻينا، هڪ ڪ ڪهڪيو، هڪ هٿ جوڙيس ۽ هڪ هٿ ۽ پڇين رهئي جو نوٽ ڏنس جو مينهن جي هينائين ڏانهن وهندڙ پاڻيءَ ۽ رکجي رکجي ڇڪبو وڃو.

نه آچاريه، مان توکي نٿو سچاڻان. نهنجو ڪير ڪونهي، مان ۽ نهنجو نه آهيان. مان هڪ اخبار جو سمپادڪ آهيان. دنيا ۽ چگاڻيءَ جو نيڪو ڪيو آهي مون. مگر مان توکي مدد نه ڪندس، نون ٻل مري وچ آچاريه!

۽ مان ٽوري وقت بعد موٽر سائيڪل لي چڙهي اڃان هليو ويس. هڪ ڪن جي ٽنل حصي لاءِ من ۽ ڊپ جاڳيو نه ڪئي هن موڪي ڏسي نه ورايو!

* * *

ٽڏهن منهنجي نوڪري ٻي هند هئي، ۽ وڏي ڀڳڙ ڪي هئس، جڏهن منهنجي هڪ دفعو آڳاڙهه سان ملاقات ٿي. ڪم ڪرڻ سان ماڻهو بيمار نه پوندو آهي؛ انڪري مان بيمار نه ٻي ڪم ڪندو هئس. دراصل اُن ڪنسٽرڪشن ڪمپنيءَ ۾ انگريزي پڙهيل مان ٿي هئس، باقي ڪير سنڌيءَ ۾ هلندو هو. هندي اسان وٽ ڪانه هوندي هئي. "ما" سڌ جي ڪمپني، ٽرڪون جيون هيون. اڪثر ميونسپالٽيءَ ۽ ٻين سرڪاري آفيسن مان ماڻهو پيا ايندا هئا. باس جو ڪير هو نه صبح جو نوين ڪان رات جو نوين ٽائيم ويهه جو. پاڻ صبح جا پهريان ۽ شام جا پويان ٿي ڪلاڪ وهندو هو. چوندو هو نه منيجر ۽ اسين نه انگريزي ڪوڙ چاڻون! موڪل ڪندين نه جواب ملندءِ پوءِ نه منهنجي ڇڪهه ڪي ڪو ٻيو انگريز ايندو! ستن سالن ۾ ٽون اسان جو ستاويهون منيجر آهين.

انڪري هڪڙي جي موڪل ڪهر ۾ ڪنب سان گذاريندو هوس. دوست يار ڪٽجي وياه. اڳئين نوڪري سترهن سال ڪن هلي مگر مالڪ جي مرڻ سان ڪمپني ختم ٿي ۽ اڳئين سال مون حياتيءَ جا پنجاهه سال پورا ڪيا.

شهر ۾ زير زمين نالا ٿي پيا انڪري رستن اندر ڪافي کڏا ڪياڻون ۽ ڀر ۾ مٽيرا. انڪري مان موٽر سائيڪل لي هٿي ٻي ٻي رستي تان موٽندو هئس.

هڪ دفعي، منهنجي نظر شمشان گهاٽ سامهون هڪ ٻلاڪ ٻاهر وڏي بورڊ تي پڙهي، جنهنتي لکيل هو: "هيڊ آف ورلڊ گورمينٽ" (عالمگير سرڪار جو صدر)

منهنجي اندر هڪ اَخبار نويس جي جـگياسا مرڪي اُٿي رکجڻ لاءِ مجبور ڪيو ۽ مان پٽرول ٽانڪيءَ جي ڪلڻ ۾ ڪنجي لڳائي، موٽر سائيڪل پاسيرو اسٽينڊ تي ٻيهاري اُن

بلاڪ جي در ۾ هلڻ وڃي ٿيندس.

عجب لڳو ته ڇهن سؤ ڪروڙ ماڻهن ۽ هڪ سؤ ستر ملڪن جي راشٽرپتيءَ جي گهر ۾ هلڻ جا ٻيل ۽ لڳل ڪونهي، نه وري ڪو سلامتي سپاهي يا ڪو فوٽو گرافر.

مان هڪ اوپرو ماڻهو. ڪريان ڇا - هيڏو وڏو ماڻهو اُلهاسنگر ۽ رهندو هجي ۽ مان هڪ ايڊيٽر هنڪي نه سچاڻان، ان مان منهنجي اخبار جي غريبي ظاهر ٿيندي.

ڏسان ته گيڙو ڪوڙن ۽ آچاريه ٻئو آهي. عمر انڪل ستر سال. منهن ۽ ڪو ٽيج وغيره ڪونه هئس، لڳو ته هوائن هنجي منهن ۾ گهنج ناهي، سندس چهري جو مرم ماري چڏيو آهي- اُهو چهرو جڙ هڪ مڪل اِنهاس.

آچاريه اکين جي اِشاري سان اندر وڃي هليو. هڪ ڪت، هڪ ٽيبل، هڪ ڪرسي، الماڙيءَ ۾ ڪتاب، پٽن جا چاپوڙا لڳل. ڪٽي ڪو به فوٽو نه ٽنگيل. گهر ۾ شايد ٻيو ڪوئي ماڻهو نه هو، رنڊڪي ۽ به سج ئي هوندس.

"مونکي سمجهه ۾ نه آيو ته اوهين هيڊ آف ورلڊ گورنمينٽ ڪيئن آهيو؟"

هو ٻاڙ ٻئو رهيو انڪري مونکي ٻه ڀيرا ٻڌ ڪاڻ مجبور ڪيائين. سوال پڌي هن اِئين مشڪيو جڙ فوجي منصوبي بعد ڪيس راڄ جون واڳون ملڻيون هجن، ۽ جواب ڪونه ڏنائين.

"اُلهاسنگر کي ٻڌهجي شخصيت آهي" مون چيو، "اُن ۾ ڪجهه نجو، آچارو، اَصلوڪو آهي. اوهين ڪجهه ڳالهايو."

مشڪ جي گهوڙي کي لغام ڏيڻي چيائين، "دنيا جا صدر، وزير آظم، بادشاه، تاناشاه مون جهڙي فقيري زندگي بسر ڪن ته هڪ ڏينهن دنيا ۾ غريبي هوندي ۽ نه جهالت سب ملڪ صوبا بڌجندا ۽ دنيا هڪ ملڪ ٿيندي. مان اُن سوچي جو

شهنشاه آهيان."

اندران رنڊي مان ڪتي جو آواز ٻڌڻ آيو. لڳم ته ٻنيون دروازو بند هئس ۽ ڪتي کي اڃان کڻڻ لاءِ ڪانئس سواءِ ٻيو ڪو نه هئو.

مان هيڪي منهن ۾ چٽائي ڏسڻ لڳس. چيائين "مونکي ريڊيو ٻڌڻ جي ڪهڙي ضرورت. اڳوان خود منهنجي گهر اچي پاڻ ڪندا آهن .... هائو ... آئو"

وري ڪتي جي ٻونڪ ٻڌڻ ۾ آئي ۽ اُن بعد وري ٻئي ڪتي جي ٻونڪ آئي، جو شايد پهرين ڪتي کي ٻونڪيو هئو.

مان ٻنان ڪجهه ڳالهائڻ جي اُڃان هليو آيس. ڪيترا ڏينهن منهنجي ذهن جي تلاءِ ۾ هن سس ڪيو. آخر اُنجي گهراين ۾ گم ٿي ويو- انهاس جو اُهو ڪارو مَلُ ڇهرو. اڄ ڪيس ڏُنهن- دنيا جي مڙني ملڪن جو بادشاهه، رستي تي ڪريل، اڪيلو، بيوس، ذليل ۽ مان من ۾ هڪ ڪنبڻي ڪٽي هڪدم اُڃان فرار!

* * *

هتي اَٽ مهينا اڳ- اسانجي ڪنسٽرڪشن ڪمپنيءَ جي سامهون هڪ ماڻهو ڪمزوريءَ وچان رستي تي ڪري ٻيو ۽ ڪريو ٻيو هو. ماڻهو آيا، ٻيٽا، نڪ گهسيائون، هٿ جوڙيا ٿونس، ڪنهن هڪ ريو نه ڏنس جو هوا ۾ اڏامي ويو.

مان ڪرسيءَ تان اُٿيس، هڪدم آٽو ٻيهاريم ۽ ڪيس سينٽرل اسپتال ۾ ڪڍائي آيس.

سمجهيم ته انهاس جي زمين تي ٻهي مان پهنجو قدم وڌائي رهيو آهيان. اُٿي ڪجهه هن طرح جي گفتگو ٿي:

"هنجو نالو ڇا آهي؟"

"مونکي خبر ڪونهي."

"اوهانجو ڪير لڳي؟"

"منهنجو کير نه لڳي."

"ڇا پوءِ ايڏي تڪليف وٺي هڪ ڏاڙهي ماڻهوءَ کي کيڏن کڻائي آيا؟"

"هو هڪ انسان آهي، ڊاڪٽر"

"نيڪ آهي، اوهين ڪڙڪي نمبر چوڏين مان فارم وٺي ڀريو. پنهنجو نالو ۽ پگهار لکو. گهر جو پتو ٻه."

مون فارم ڀري ڪلارڪ کي ڏنو ته هن پڇيو "اوهانجي پگهار ايائي هزار روپيا آهي؟"

"ها"

"پر اوهان فارم ۾ ڏيڍ سؤ روپيا لکو."

"ڇو؟"

"هيءَ سرڪاري هاسپيٽل آهي. هتي بيمار داخلا جي فيس پگهار جي حساب سان وٺبي آهي. سڀ گهٽ لکائيندا آهن... اوهان ٻ..."

مون هنجي شڪل ۾ پنهنجو ملڪ ۽ هن شايد مون ۾ اڃو آئيندہ ڏٺو.

مون ايائي هزار پگهار جي حساب سان فيس ڀري. هر ماڻهو ٻاڻ برابر هلي ته چوڪاري جو رستو آڻان نڪري سگهي ٿو - سوچيم.

ٻن ڏينهن بعد آفيس ۾ گهر مان فون آيو:

"اوهين آهيو؟"

"ها"

"هڪدم گهر اچو."

"ڇو سڀ نيڪ ته آهي نه؟"

"گهر ۾ سڀ نيڪ آهي، پر نه پوليس وارا آيا آهن - چون ٿا ٽوهانجو کو مائٽ مري ويو آهي."

"مان اچانڪو" چڳي مون ڪمپني باس ڏانهن نهاريو.

"چا ٿيو مئنيجر؟"

"گهر ۾ ٽوري ڪم اتي پوليس آئي آهي."

"چو؟"

"شايد ڪو ماڻهو مري ويو آهي."

"اُن لاءِ پوليس چو گهر ۾ ايندي؟"

"خبر ڪونهي."

"ڪٿي آهو لوارث ته ڪونه مري ويو جهنڪي توں آڻو ۽ ڪٽائي وڃين؟"

"شايد! شايد" مون سمجهندي چيو.

"مئنيجر! توں به هڪ فالتو ماڻهو آهين. ڪتا ته ڪتي جي موت مرندا."

سوچيم ته هڪ لوهي نظر هڻانس مگر نوڪري وڃائ جو ڊپ جاڳيم ۽ اُن وقت ايڏي عمر ۾ ايڏي پگهار واري نوڪري ڇڏڻ جي سمرڻي مون ۾ ڪانه هئي.

"مان جلد اچانڪو."

گهر پهتس، ۽ بندوقن سان پوليس وارا هئا. ٻاهر زالون ۽ ٻار بيٺا هئا.

"بندوقون چو ڪيون اٿو؟"

"اسين ڊيوٽي تي آهيون."

"مگر هتي چو ڊيوٽي لڳائي اٿو؟"

"سينٽرل اسپتال ۾ اوهانجو هڪ مائٽ مري ويو آهي. نالو ڪجهه به نه. نالو ۽ پتو اوهانجو."

"اوه ـ نه هو مري ويو!"

"هلو ـ اسپتال هلو."

"مان چو هلان؟"

"تہ لاش کير کڍندو؟"

"مان ڈاکٽر کي فون ٿو ڪريان."

زال کي ڇيڙ نہ ٻڌي کي ڇانهہ پيئار. هـو ڪمپائونڈ ۾ ڪرسين لي ويهي ڇانهہ پيئڻ لڳا، ٿورو ڪلاڪ مشڪل لڳا. باهر ماڻهن جو هجوم اڳيان وڌيو ۽ ٻوءِ اهو ٽڙ پکڙ لڳو.

مون ڈاکٽر کي ذهن نشين ڪرايو تہ ان ماڻهوءَ سان منهنجو ڪو رشتو ڪونہ هيو، مگر ڈاکٽر ياد ڏياريو تہ مون ٽي کيس چيو هو تہ هو هڪ انسان هيو.

مونکي آفيس ۾ ڊيوٽي وهي هئي ۽ مونکي پنهنجي جان بچائڻي هئي، مونکي لکو تہ اها مان ڪنهن حالت ۾ بچائي نٿي سگهيس.

مون هڪ ڪمزور اميد سان اڀاس ميونسپالٽي، ڪليارڪار پوريشن ۽ ضلع ڏاڏا سول اسپتال ۾ فون لڳايا ۽ کين سڄي روئداد ٻڌائي کين لاش کڻڻ لاءِ چيم مگر جواب اهو ئي تہ ماڻهو اوارث ڪيئن ٿيو جڏهن تہ اهو مان کڻائي آيو هئس.

مان لاش جو ڇا ڪريان؟ وڏي جلايانس يا دفنايانس؟ اهو لاش کڻي مان وڃان ڪيڏانهن؟ شمشان يومي! کير هلندو آيي؟ کير هنکي ڪلهو ڏيندو؟

مون پوليس وارن کي هلو چيو ۽ آڏو پکڙي نهرو چونڪ ڪاڻٽي ٽاورس وٽ آيس. ڪي ٻئل مزورن کي چيم تہ ٻيا مزور گڏ ڪريو. ڏهہ ٻارهن مزور گڏ ٿيا جي ڪڏهن پوليس وارن ۽ ڪڏهن مونڊانهن تہ ڪڏهن هو سيني کي ڏسي رهيا هئا.

"هڪ لاش کي جلائڻو آهي."

هڪ مزدور جو سنڌي هيو، لهن چيو، "سائين دنيا ۾ کير ڪونہ الو؟ چار ڪانڊي تہ فڪير کي ٻ ملندا آهن!"

"اوهان ڪانڊي ٿيو."

"سائين ڪلهو ڏاهو ۽ پوءِ ڪپڙا ڏوئڻا پوندا، سنان ڪرڻو پوندو. اسان ڪيٽ، فرجون ۽ ٽي. وي. ون ڪنڊڙ هي ڪم ڏاڍو مشڪل آهي. وري مرهٽا مزور ۽ لاش سان شهداون وغيره وڃائين."

"اوهانکي ڪجهه چوڻو ڪرڻو ڪونهي. بس ڪائيءَ ۽ هڪ لاش ڪٽي هلڻو اڙ. جيترا پئسا گهرندا ڏيندس."

کين وٽي اسپتال وٺس. سڏي مزور ڪائيءَ ۽ پئي سامان جو بندوبست ڪيو.

مزورن لاش کي ڪائيءَ ۾ رکيو. پوءِ سڀ ساڻ ۾ هليا. هاڻ ٽيليفون جي تارن تي ڪي ڪاڙ اڇي وينا پر ڪانءَ ڪانءَ نه ڪن. مزور نه. چپ. رستي ۾ ماڻهو نهن. ڪائي، مزور ۽ مونکي ڏسن ۽ هليا وڃن.

سيرو چوڻ ٻڌڻ جهڙ سبب هڻو ٻيو. ڏسان ۽ هڪ ڪار ۾ ڪمپني ٻاس ويٺو آهي. آگر جي اشاري سان سڏ ڪري چيائين، "چگا پيچ جا ڪم ٻيو ڪرڻ. هاڻ اهي ٽي ڪم ڪندو رهه. آفيس اڇڻ جي ضرورت ڪونهي. پگهار ۷ تاريخ وٽي وڃج." پوءِ هن ڪنڊ ورائي اسٽيئرنگ ڏانهن ڪيو.

اُن کن مونکي نوڪريءَ وڃڻ جي ڏڏڪي جو ڪو خاص احساس نه ٿيو. مون هن ڏانهن ۽ لاش ڏانهن نهاريو. اُن کن مونکي لڳو ته جو ڪجهه ماڻ ڪري رهيو هوس، اهو ڪرڻ مون لاءِ بلڪل ضروري هڻو ۽ مونکي اُن ٽي کن انين نه لڳو ته جو ڪجهه مون ڪيو ٽي، اُن ۾ منهنجي پنهنجي ڪا چوڻ نه هئي، اُن ۾ منهنجي ڪا چاهڻا ڪا خواهش شامل نه هئي. ●

(رهاڻ ۱۹۸۶)

ماحول

ڪائنات جي بدن ۾ هر شيءَ جو لاش ٻيو آهي. ٻڌمس ۽ ٻاٽر پاسي ڪان ٻڌا آهن. ان بدن جي وچمان شيءَ جو ڪليل منهن ٿو ڏسڻ ۾ اچي. ڪاڙهيءَ ساڙهيءَ ۾ آڏ ڪيل متوارن جي وچ ۾ سندور. اکيون بند. چپ ٻوريل.

مهاراج چوٻٽو ۽ هاڻ ٻون ڪيس هاڻ ڏي. ٻيءَ ڪيس هاڻ ڏان ٿو. ٻين ڪان، مٿي ڪان، ۽ پاسن ڪان. ڪائنات مٿان ڪاسليت وڏل آهي. اڻين وچ ۾ گاهه ۽ هاڻان سنهيون لڪڙيون.

هاڻ جون ڇيڻون ڪرن ٿيون. هاڻ ڪان وڏيڪ ڏونهو آهي. هاڻ جي ڇيڻ جي وڻين ۾ ڪمل گهٽي ڪاراڻ آهي. هاڻ اونهي، گهروائڻ ۽ ڪاري رنگ ۾ گهيريل شيءَ جو لاش آهي.

مان ڏسندو رهان ٿو. هاڻ سندس منهن ڏانهن آهي. آڏ ڪيل مٿي جي ساڙهيءَ سان گڏ سندس وار ۽ سڙندو ڏسان ٿو. ڇيڻ جي وڻين ۽ بدن جي خالن مان، مان سندس مانڪ جو سندور قائم ڏسان ٿو.

مٻهڻجي سامهون فقط ڇهه مهينا اڳ شادي ڪيل شيءَ جو لاش جلي رهيو آهي ۽ مٻهڻجي اکين ۾ هڪ به ڳوڙهو ڪونهي.

شايد سال اڳ ساسين ڪاليج جا ڪي شاگرد مائيران ويا هئاسين. ڏٺر ڏوڪڙاڻر روي هن ڏانهن وڏيڪ ڏيان ڏي ڏڻو. مان سرجوءَ ۾ چاهه وڻي رهيو هئس ۽ سرجو مون ڏانهن نهاري هئن ۽ مون به هن ڏانهن ڏي نهاريو. ان ڪري مون به هن ڏانهن ڏي نهاريو.

هڪ شام اسين آلمپيا کان ڇڪر لڳائي، شارو ليت ليڪ ڏانهن وياسين. اسين چار ٻين کان پنڌان رهجي وياسين. روشني فقط وٽن جي پٽن جي وچمان نڪري ٻين وٽن جي پٽن ڏانهن ٿي ويئي ۽ وقتي وقتي مان پتا ائين ٿي هيٺ ڪريا، جڙ باهه جا شعلا هٿا جي ڪرڻ بعد ڪچي اونده ۾ ناپتا پي ليا. ڪي اڳ ۽ ڪي اُن کان اڳ ڪريل هٿا. ان ڪري ڇڏهن پيون هيٺان آيا ٿي تہ جڙ دور ڪٽي پڇندڙ شيشي جي آواز اسان جي ڪن تائين پهتو ٿي.

روشني وٽن ۽ اُن جي مڪان هڪي. ڳاڙهي مٽيءَ واري رستي لي جڙ ڪارو زنگ ملايو ويو هڪو. اسان جا چهرا، لعلين جي هيٺ ڪيل وٽ جي روشنيءَ جيان فقط سچاٽپ جو ڏنڊاو نقشو ٿي پيش ڪري سگهيا.

هڪ پٽو، سيما جي رڻي ۾ آڪڻي پيو ۽ اهو سندس ڪڙي جي مٿين حصي لي، ڪچيءَ کان ٿورو هيٺ، کابي چڙاهه تي اُلان ٻ ڪرڻ جي انداز ۾ هڪو، جو روي نزاڪت سان اُنکي اُلان هٿائي انگريزيءَ ۾ هڪ روسي ڪويتا ٻڌائي:

زندگي، سروجي پٽن جيان، پنهنجي تفصيلن ۾ گهري آهي.
مشڪ سان ڪڏ ڪڏڙ، ڪل جي گونجه اُٿي ۽ سروءَ چيو:
"ٻن، هڪ ڪوتا ٿون ٻ ٻڌاءِ." مون ٻ مشڪيو ۽ چيم: "ڪوتا ڪوتا آهي. چاهي ڪير ٻ ٻڌائي."

"اگر ٿون ٻڌائيندين" سيما چيو، "ان جو مطلب تہ سروجو نٿهنجي ٿي چڪي."

"يعني تہ." سروءَ چيس، "تو روئيءَ کي اُٻهائي ڇڏيو."

"مونکي لڳو" روئيءَ چيو، "سيما ۽ منهنجو جنم جنم جو رٻاڙو آهي. مونکي لڳي ٿو تہ اسان ٻنهي جي من ۾ ساڳيا ويچار ٿا جاڳن. اسان جي آتما هڪ گڏٻ آهي، اسان جا جسم

اُن جا ۾ اَلگ سر آهن."

سرجو منهنجي نزديڪ آئي. مشڪي چيائين، "تون ڪجهه چئه."

"مان چا ڪالهايان سرجو؟ اسين نه، اسان مان ماحول ڪالهائيندو آهي."

مونکي لڳو، مون جڳ بار بار چيو: "اسين نه، اسان مان ماحول ڪالهائيندو آهي."

سيما جو لاش جلي رهيو آهي. هن جو لاش جلي خاڪ ٿيڻ جي ڪناري ۾ آهي. روئي شمشان ۾ مون نه آيو آهي. هن ڪشمير ۾ هڻي - مون ڪنڌي مونکي ڪيو: واقعي سيما ۽ مان هڪ ٻئي لاءِ پيدا ٿيا آهيون. اسان ستن ڄمن ۾ سٺ پاتشاهيون ماڻيون آهن.

باهه جون ڇيڙون ڇيڻن سان اُلجهي مٿي اُڀرڪا ڪائي. دونهون ڏي وڃن ٿيون. اکيون دُونهين سبب ٻوسرن ٿيون. نڪ ۾ رکي لاش جي بُوءَ ڏي اچي ۽ ذهن ۾ هڪ سٽ: اڳ اون ٻڌائيندين ته ان جو مُطلب سرجو نهنجي ڏي چڪي.

نه، سرجو منهنجي نه ڏي. ماحول ڪجهه ٻيو ڪالهايو ۽ هوءَ شاديءَ بعد هڪدم ڪنهن آفريڪي ملڪ ۾ هلي وئي.

سيما جو پيءُ سيما جا پاٽر وڄي چڪا آهن. مهاراج نه ڪلهي تي هٿ رکي، هلڪو زور ڏيئي هلندو رهيو. ڄڻ ته ڪٿا کي ڏسندو رهان ٿو.

... چا اهو ممڪن ڪونهي ته مان اهي باهه جا بند هٽايان ۽ سيما کي باهه ڏانهن ڇڪيان ۽ باهه وسامي وڃي. مان ڪيس بچايان ۽ ڪيس ڪنهي ۾ چاڙهي روئ وٽ وڃي؟ اوه، هڪ انبسدر بهادري... ۽ هٿتا اڳ ڪامرٽ ٿيس. روئ نيزا ڏي ڪاڏا. سيما هڪ نيزو ڪائٽ جي چاهت ڏيکاري ۽ روئ

اُها ترشنا پوري ڪيس. پوءِ سڀما اسپتال داخل ٿي ۽ ٽن ڏينهن بعد ڪالهه رات مري ويئي. مُونکي اِها به خبر نه پيئي ته هوءِ ڪالهه رات جو مري ويئي هئي.

ڪيس لاش گهر ۾ رکيو ويو. اُتان لاش مون ڪڍايو. ڪافي تڪليف ٿيم. منهنجو هن سان ڪو به رستو نه هئو. پٽهس به ڏيئو ۽ ياڻ به. اُن بعد مون لاش گاڏيءَ جو بندوبست ڪيو ۽ اُن بعد مون ڪيس پنهنجو مڪمل ڪليو ڏنو.

صبح روڳ جو فون آيو. "منوهر؟"

"ها، مان آهيان."

"مان روي. منوهر، سڀما مري ويئي!"

"ڇا!؟"

"سندس لاش ڪاما هاسپيٽل ۾ آهي. تون اُتان اِهو ڪيئن ڄاڻين؟....."

"تون؟"

"مجبوري آهي، مان ڏيو اڇي سگهان."

"ڇو؟"

"بس مجبوري آهي!"

"ڪهڙي مجبوري؟" مون پڇيو.

هن جي آواز ۾ اي پڻاهه درد هئو.

"پنهنجون اکيون ڏين. جوان آهيان. بار ڇو ڪونه اڀو. ڏرم شاستر مُوجب بي شادي ڪرڻ واري کي لاش گهر ۾ شمشان ڀومي ۾ نه وڃڻ گهرجي. اِهو فيصلو مون مٿان مڙهيو. ويو من ۾ مان بوس آهيان."

"تون ڪهڙي زماني ۾ ٿو رهين روي؟ هڪ لاش برابر لاش آهي. اُن ۾ ڪي ڀراڻ ڪونهن. ڪا چيتنا ڪانهي. مگر اُن سان تنهنجي ڪا باداشت ڪا ياونا ڪا جذبات واسطو نه آهي؟

ٻڌندا آهي جنم جنم ۾ هڪ ٻئي جا احساس؟ سٽن ڪيترن جي دائري ۾ بند راحت جون سمورا ٻاٽاهيون؟ ڇا تون ٻڌندي زال کي ڪلهو ۾ ڏيندين؟ زال جو لاش اڃا جليو ڪونهي ۽ تو کي بي شاديءَ جو شغل؟"


"اهو شغل نه، مجبوري آهي من." هن هڪ لمبو ساهه ڇڏيو، "آسين مائيو نه، لوتارا آهيون!" ۽ هن ٻڌندي ٻڌائي. ڪي صحيح ثابت ڪندي انهن ٻنهي، "تون خود چوندو آهين، اسين ٻڌا ڪالهايون، آسان مان ماڻون ٿو ڪالهائي، حالتون، آسانجو ڏوهر- آسانجو ڪلچر ....." ○

ڇڇر ۱۱ جنوري ۱۹۸۶

(سنڌو - ۱۹۸۶)

☆

هي صفحو اصل كتاب ﻣ خالي چڈيل هئو. .



● سترهن اوجاڳا

اعتبار ڪريو - مون ڪڏهن به بگهڙ ڏٺو ڪونهي. ضرور ڪتي ڪان ٻوريو ٿلهو ۽ ڪنهن هلڪٽ چيتي جهڙو خطرناڪ هوندو. اونده ۾ اکيون پٽڻ تاڻي وانگر چمڪندڙ هونديس. چپ ڪيي سهڪندو هوندو ته ڪنهنکي ڪٽي ڇڪ پايان - ٽنگ ۾ - نرگهٽ ۾! آنما ۾؟

رکي رکي مندجو هٽ ٻڌجي نــرگهٽ ڏانهن وينو. ڪنهن کي گهڙي خبر نه مــان هڪ سچيه دنيا ڇڏي هڪ اهڙي جڳهه لي آيو آهيان جتي ڪي گهر - باقي رڄ ۽ سڄ آهــي.

ان رڄ ۽ سڄ ۾ مان اها کوجنا ڪري آيو آهيان ته .....

هاڻ ان "ته" ي ڇا ڇڄجي؟ کوجنا مون ڪئي مگر حقيقت اها آهي ته مون کوجنا جي وشيه لي گهٽ - بگهڙن لي وڌيڪ سوچيو. اگر بگهڙن لي نه پي. ايڇ. ڊي. ڪري سگهجي ها ته ..... ته مان ان ۾ گهٽو ڪجهه ڇڄي سگهان ها.

نه - مان سوٽيڊ ٿوٽيڊ بگهڙن جي ڳالهه نٿو ڪريان، جي اوهانکي پي. ايڇ ڊي. ڪرڻ لاء پهرين اهڙا ڏڪا کائيندا جو لڳندو ته ڊگري خود ۾ هڪ بگهڙ جو ڇڪ آهي!

هاڻ مان ٿورو پنيان ٿو نهاريان.

پنيان ڇا آهي؟

وقت؟

وقت کيڏانهن ٿو وڃي؟- هڪ ته اهو من ۾ پرجندو وڃي

ٿو - ٻوءِ اهو نڪو ڳڏريل انسان مان انسان جو وجود گذري وڃي ٿو. ڪا چيتنا! يا هڪ ئي وقت ٻڌي. ٻوءِ وقت ماڻهوءَ کي هٽڪ - هيڪ ٻڌاءِ ڇڏي. ٻوءِ ماڻهوءَ لاءِ وقت نہ آربٽ - هيڪ ٻڌجيو وڃي.

* * * *

رٽائٽي پروگرام موجب ستر هن ڏينهن جو ايپاس پورو ڪرڻ بعد اُن ڏينهن مان ٻيءَ مان واپس ٻيڙ ۾ اُن ويٺ پوني موڙي رهيو هئس. ٻيءَ جي ٻيءَ ۾ سنڌ وطن هٿ ۾ مان سرحد پار ڪري اُن زمين تي نہ ڇهل قدمي ڪري آيو هئس. اهو مون وڃڻ وقت فيصلو ڪري ڇڏيو هو نہ مان جذبات کي ظاهر هيٺ رکندس ۽ اکين ۾ لڙڪ وهڻ نہ ڏيندس جو اُن وطن کي ڇڏي اٽڪل چاليهه سال ٿي ويا هئا ۽ باوجود ويزا لاءِ آزبون نيزاربون ڪرڻ جي وطن وڃڻ جي خواهش پوري نہ ٿي هئي. اها خواهش هاڻي مري چڪي هئي ۽ سرحد پار اُن زمين تي قدم رکڻ سان من ۾ هڪ سڪون جاڳيو نہ ڪنهن هڪ نديءَ سطح تي ، ٻنا دفتر ڊوڄ هڪ مڪمل خواهش پوري ڪري سگهيو هوس.

اُنهن ستورهن ڏينهن ۾ مون هڪ دفعو به سنڌ نہ ڪيو جو اوڙو پاڻي اُتي ميسر نہ هئو. خاص ماڻهو هٽڪ سبب مون لاءِ چار لوٽا پاڻي مقرر ڪيا ويا جي سڀ ضروري حاجت سان گڏ ڏاڍي لاهڻ ۽ پيٽڻ لاءِ هئا.

مان ديڪن ڪالهج مان "آن ديوٽي" اُن ايپاس جي سلسلي ۾ ٻيي آپس جو معلوم ٿيو نہ دودي ۽ علاولدين خلجيءَ وڃڻ جنگ لڳڻ سبب اُتي سوديل سمال سومرل ميمڻ ڪوڃا وغيره لڏي آيا هئا. اُهي سنڌي هئا، سنڌي پڙهندا هئا. لطيف جا ڪلام ڳائيندا هئا. مگر وڌاگي بعد آيل سنڌين کان ڪٽيل

هئا. وٽن ۾ اڻا سندي ساز ۽ سر هئا. بار ميهڻ جي سڳن ۾ ٽرنز سٽرس لڳائي هند - سند جو سندي پروگرام بڌندا هئا. اڄي کائڻ لاءِ فقط ڪير ڇوڻ ڇيزون هيون، مکڻ ڏهيون ماوا. پاڇي ۽ مانيءَ مونکي هڪ ڏينهن ۾ نصيب نه ٿي.

ٻئي ۾ ماٺو پونگن ۾ رهيا ٿي. جن کي در ڪونه هئا. اڄي ڇوڻ هئا ته پونگن ۾ ڇيٽي جا ليڀا هنيا ويندا هئا. نانگ هئا ته انهن کان بچڻ لاءِ باهران اڇا بصر گهرائي پونگن باهران رکيا ٿي وڃا جو نانگ اڇا بصر ڏسيو پڇيو وڃن، ڇيڻن ٻياد پرست سماچواد کان پڇندا آهن.

مونکي انهن سندين جي زندگيءَ ڪلچر ٿي ڪوڀا ڪرڻي هئي جن کي هڪ ٽئين ڏرتيءَ پداهه ڏني هئي مگر جنهنکي اڀياس وهاري ڇڏيو هئو.

اهي سترهن ڏينهن مون سند جي انهن آڳاٽن جلاوطنين جي زندگيءَ جو اڀياس ڪري ورلو. مرد ڏڪها، قداور، زالون سڪهارون ۽ اڪثر ٻار پڙدي جي، آجڪ کي بدن ٽي ڏکين ته ڪڏهن ڏمڪو ۽ شال يا فراسي ڪري ڪم آڻين. سندن زبان هڪ ڪچي لٽ ڳهسي آيا هئا مگر زبان وري ۽ سندي ٿي ڳالهايائون. سندن مهڻي ٻولي ڪن ٻ ڪن. سندن ڪوڙن مان وڪيلن جي ڪاوڙن جي هانس اچي. لڳي ٿي ڳوڙ هڪ ٽ ڪوڙ هروٻا آهيون.

اڳوات بندوبست موجب پڇ ڪان ٻئي طرف ڪار هلي. پوءِ مون پنڌ ڪرڻ شروع ڪيو. وڇڙ هڪ لوٽي ڏڏو جنهن آڻ ٿي وهاريو. جنهن سبب لوڏا ٽ روڏا ڪاڏم مگر ٻين مان سوڙ لهڻ شروع ڪيو.

ماٺو بند ٽيل جيب ۾ بندوق ڪٽي شڪار ڪرڻ وڃن مگر مان آڻ ٿي ڇڙهي اڀياس ڪرڻ ٿي ويس ۽ ڳوڙ ۾

داخل ٿي رهيو هئس. پاڻ سان هڪ ٻگهه ۽ هڪ ٽيپ رڪارڊر ڪنيم.

مونکي الين لڳو ته مان هڪ اڻتاري، خشڪي مان هڪ اڻ ڏٺل درياه ۾ گهڙي رهيو هوس. مونکي لڳو ته پنهنجو مقصد سر انجام ڪندي مان پاڻکي ڪنهن اڻ ڏٺي مصيبت ۾ قاسائي رهيو هوس. مخر من کي اهو چٽي سمجهايم ٿي ته جوکم بنا ڪا نئين چيز حاصل نٿي ٿئي ۽ ڪوجڏا لاء رڳو ڪشالا ڪيڏا پون ٿا.

بٽيءَ ۾ مون لاء راڳ جي هڪ محفل رکي ويئي هئي. هاڙهين هڪ ڇڇ پيش ڪئي، دستوري دعا سلام بعد مونکي هڪ پونگو ۽ ٻه آجرڪون ڏنيون ويئون. پونگي ۾ اُن کانسواء ٻيو نقطا پاڻيءَ جو ٿورو بندوبست ٿيل هئو.

راڳ جو سمهڻ کان اڳ ته بزرگ مون وٽ آيا ۽ مونکي هڪ شيخ ڏنائون.

هڪ چيو، "ديوان هتي مڙهو خير آهي. وقتي راڳ جو ٻگهڙ اڇن. ڪرو ڪجي؟ جند ڇاڻڻ لاء هيءَ اوهه جي شيخ رکو."

مونکي لڳو ته منهنجي بدن جا وار اُڀا ٿي وڃا هئا.

"ٻگهڙ" مون چيو، "ٻگهڙ ايندو ـــ مان مقابلو ڪيئن ڪندس؟ وري هتي بٽي ٻـ ڪونهي جـو اُها باري راڳ جو جـاڻـان."

"ديوان" ٻئي چيو، "اوهان لاء لالٽين جي ڳولها جاري آهي. پونـگي کي در ڪونهي. اوهين جاڳندا تـ خير پوندي. هڪ شيخ لڳندس ته ڇڏي ويندو."

هتي ٻهري جو بندوبست نٿو ٿي سگهي؟"

"هرڪو پنهنجو پونگو پاڻ ٻچائي، اِنهن ٻگهڙن سبب هتي ڪير نه آڻي."

"سرڪار جا ماڻهو؟"

"سائين اسين ٿي هتي جي سرڪار آهيون. بگهڙ اسان جا ڪيترا ٻار کڻي ويا آهن."

"ته پوء مان ويندس!"

"ڪيڏانهن ڏيوان؟"

"واپس!"

"ديوان، سڏي مري ويندا آهن مگر ڏڪندا ڪونهن. چند ڪيلي سر شينهن جو مٽاهلو ڪيو هئو."

مون هڪ بزرگ کي ٻانهن کان جهلي چيو "هتي گرمي ۽ ڏاڍي آهي ؛ پڇ ؛ ٻڌيء وڃڻ ڀاڱي ڪونهي. اس هڪ ڏات جو بندوبست ڪريو. گهر ۽ زال ؛ ٻار ڇڏي اوهان سان ملڻ آيو آهيان. پروگرام سترهن ڏينهن جو آهي. تانگن وڃن ؛ بگهڙن وڃڻ مان رهي نڏو سگهان."

"اسين صدين کان رهيا پيا آهيون. خميصا ٿون هيڻن ڪر. رحيمطلاهر هي گهران لالٽين ڪٽي اڇ پوء وڃ منهنجي پونگي ٻر. اڻان چار ڪريون ڪٽي اڇ ؛ ديوان جي پونگي. ٻاهران ٻڌي ڇڏ. بگهڙ ايندو ته ٻاهران ئي شڪار ڪري هليو ويندو."

مون ٻر ٿورو ساهه ٻيو. وري سوچيم ته بگهڙ ڪريون ته روز ڪاڻيندا هوندا ڪين انسان جي گوشت مان وڌيڪ مزو ايندو.

"مان ڪيس شيخ هٿان ان کان اڳ اگر هو منهنجي اُن ٻانهن ٻر چڪ پائي ته؟"

من ٻر ڏڪڻيء واسو ڪرڻ شروع ڪيو ؛ سمجهيم ته ڪاپي اڌ ڦڙ ڦڙ ڪرڻ شروع ڪيو.

"ديوان لالٽين ۽ اڇي وڌو آهي ؛ ڪريون ۽ ٻڌڻون وڌون آهن. اوهان هتي سترهن ڏينهن رهندا. اوهان جو ڇاڻ ان ريت ڪجو. اوهان جو پونگو اسانجن پونگن وڃڻ آهي. ڊپ نه ڪريو."

"اوهان جي پونگن ٻاهران ٻڪرين ڪونهن، اتڪري ٻگھڙ ٻهرين هٿي ايندو ۽ وري مونکي ڏسندو زبان جي چٻڪي سمجھ مونٿي حملو ڪندو."

سائين ٻوءِ چئو تہ ٻڪرين واپس ڪاهي وڃون؟

"نہ نہ ـ نہ نہ ـ اهي چارئي ٻڪرين پونگي جي لنگھوت ٻڌو. وري هٿي ڪاڪوس ۽ ڪونهن. اوچتو ٻاهر وڃڻو پوي نہ."

"نہ ديوان شيخ ۽ ٻني ڪڍو. چگو ٻاڪ اسين موڪلايون ٿا. تعرائي نبڌ. سدائين گڏ."

هڏن نبڌ جو نعرو هنيو ۽ هو هلندا رهيا.

مون ٻاهر ٻيهي آسمان ڏانهن نهاريو. نهايت اوچو ٻا گھرو. ان ۾ تارا گرہ اڃين لڳا جڻ اڀ کي قت ٽيا هٿا ۽ اُن مان آڇو روڳ ۽ ڳاڙهو رت ٽمڪي لڳو هٿو. اُن ڪن مونکي التيءَ جو خيال آيو.

اندر آيس. سوچيم ڪا ٻرائڻا ڪريان. پر ڪا ٻرائڻا خيال ۾ نہ آئي. وڏين مھلين ۾ مون ان ڳالھہ ۾ فخر ٿي ورتو تہ ٻگوان جي نہ هڻي جا مون وٽ ٻين ڪان وڌيڪ دليل هٿا ۽ ٻرائڻا ڪمزور من جو آخرين سھارو هو. قدرت اندي ۽ گونگي آهي. هڪ ظالم! جا زلزلا ڪري، ٻوڏون آڻي، ڏڪار ٻڌا ڪري. نابرابريءَ جي بنياد تي ٻيئل قدرت بلڪل غير سوشلسٽ آهي جنهن هن ڏوليءَ لي رڌون ۽ شينهن ٻڪي ٻڌا ڪيا آهن.

گرميءَ ۾ ٻگھو ٿي نڪتو ۽ ڏڪيس انين تي جڻ ڏڍ جي چوٽيٽ ۾ آيو هڏس. ٻڪرين ٻين ـ ٻين ڪئي ۽ اها بند ڏي وئي مگر ڏهن ۾ اُنجي ٻين ـ ٻين جي گونج وڄندي رهي. ٻين ـ ٻين ـ ٻين ـ ٻين ا ا ا ا ... جڻ صبح ٽيندي ٻڪرين جا ٻوٽ ٻدل هٿا.

سوچيم ته هان ڳچڙ کي بيوقوف بڻائي سگهان ٿو. پوڻگي کي ڏر ڪوٿي. بس هڪ اڇرڪ آنکي ٻڌي ڇڏيان. اس کا رسي ڇڏي - کا نوڙي - سوٽي. چار ئي طرف ٻڌي هوندا- ته ڳچڙ کي در جي خبر نه پوندي.

مون لالٽين کڻي پوڻگي ۾ آڌا ڏولهڙ شروع ڪئي. نه پٽ ۽ نه ڇت ۾ نه پٽين ۾ کا رسي مليو. بيوسيءَ جو وڏو احساس ٿيو.

سوچيم: اگر هڪ ٽيپ ۾ سمهڻ جو آواز ٻڌي اچان ها - ڳچڙ اندر گهڙي ها ۽ اهو آواز ٻڌي ٻچي وڃي ها.

سوچيم: ڪوشش ڪريان. مڙان مان شيمهڻ جو آواز ڪڍي سگهان. مون گهگوڙ ڪرڻ جي ڪوشش هه هه ڪو و ن ن- ڪر ر ر ر .... هه گ آ آ ... ڪيا مل گيا پگوان ميري دل ڪو ڇلا ڪر - ازمانو ڪي نگري ۾ ميري آگ لگا ڪر!

لکو ٿ جو مون راڳ ئي ڳايو. اُن ۾ منهنجي ٻڌڻ مرضي شامل ڪونه هئي.

گهگوڙ هڪ ٻلي جي ٻلائي ڏهشت ٻڌي پيدا ڪري نه سگهي البت ڪجهن جي ڪجهه وقت زوردار ٻين ٻين چالو ٿي.

لڳو جي هڪ پاسي لالٽين ٻئي پاسي مان منهنجي پاسي ڪان شيخ. اوچتو مون ٻاڪي جيوءَ "جيمس" مون ٻلون مان اڳ ڪيو. ٻلون کي ٻڌي ڏيڻي مون اُن اڳ سان در مڙان اڇرڪ ڏني. پوڻگي ۾ مڙان آڳوٿو وڃي سوراخ ڪيم ۽ اُن ۾ اُڇرڪ جون ۽ ڪنڊون وڌم. ڏنم هاڻ مان ٻاهرين دنيا ڪان بلڪل ڪٽجي وڃو هئس.

وري خيال آيو اگر ڳچڙ آهي ته مان ڪنهن طرح ٻچي سگهيس ۽ منهنجي ٻلون کي لهي وڃندي ۽ ٻاهه ڪير اڳهاڙو ڏسي وڃي ٿ؟ زال کي خبر پوندي ته سمجهندي ته مون اُوجهه سبب ائين ڪيو هوندو!

مون ٻگھ مان ھڪ پڇت ڪيو. سوچيم: "مـــان ٽورو سمارت ٿو لڳان! اُن بعد ڪي ڏنـــڏ عڪس منھنجي اکين سامھون گھوڙ لڳا. شو ـ ڪالي ـ ڪرائيست ـ ين پاسن کان وڻن وڇمان ڇپ ڪيي خاموشيءَ مون ڏانھن وڌندا: ٻھرين ھڪ، اُن پنيان ٻه، اُن پنيان چار، پوءِ اٺ پوءِ چار، پوءِ ٻه ۽ وري ھڪ ٻگھڙ.

"اِڪ تيرا سھارا ـ اَيڪ سھارا ..... اللہ ھو دعائي ـ ھو دعائي ـ ھو دعائي! ..... يون خون غريبون کا ڀالي ھئن خدائي ـ اللہ ھو دعائي..." سترھين اوچاڱي ۾ ڪراچيءَ ۾ ڏنل فلم "نيڪ پروين" جو اھو راڳ پاڻ مراد واٽ مان وھي لڳو!

* * *

اَڌ اَڌ ڏينھن نندون ڪندي مون سترھن ڏينھن سترھن راتيون اوجاڳا ڪيا. ڪوجڻا جو رٽائنو ڪم پورو ڪيم. ٻگھڙ نه آيو اھا بي ڳالھ آھي. مگر واپس موٽندي مونکي لڳو نه ڪو ٻگھڙ ڊيکن کاليجي طرف مونکي ٻوڙي ۽ پنھنجي گھر ۽ ڳوٺي ڪيندو، انڪري مون ٻئي وار کي پنھنجي دائمي ٻڇاءَ لاءِ اھا شيءِ گھري ورتي. مونکي يقين ٿي ويو نه ان شيءِ سبب ڪو ٻگھڙ منھنجي من ۾ نه اينڊو ۽ آخر خيالن ۾ نه اچي بند ڪندو. چاھي نه لڳيٽو نه منھنجي شڪل نه ٻگھڙن جھڙي ٿي ويئي آھي. ❁

رھاڙ ۱۹۸۷

✶

❁ رامر-ديوٽ

ڪاڪو رام مري ويو. رات پڌڪي گهر اڪيلو اڀياس ڪوڻيءَ ۾ سمهيو ۽ سمهيو ئي رهيو، اٿيو ڪونہ.

صبح جو مونکي هڏي مڙس جو سماچار ملیو تہ اڻين لڳو ۽ ڏڪڻ. اکين جون پتليوُن هيٺ ڪڙي ڏيون ۽ ڪي لمحا مان ڪجهہ ڏسي ۽ سڙچي نہ سگهيس. اُن بعد مونکي لڳو تہ هوُ منهنجي سامهون بيٺو هڏو. اوچتو سندس بيون هيڏان ڏمين کسڪي ويئي ۽ هو هيٺ ڪرندو ويو. مونکي لڳو هو هيٺ هيٺ ڪري رهيو آهي ۽ مونکي پڪاري رهيو آهي؛ مگر مون لاءِ اهو ممڪن نہ آهي تہ ڪنهن بہ ريت مان کيس بچائي سگهان. اُن خال ۾ ٻاهران ڪجهہ روُشني، ٻوءِ ڪجهہ ڏنڊ ۽ اُن بعد فقط اونداهہ هئي. اُتان ايندڙ آواز جڙ ۾ين آوازن کي ڪاٽي ويو. ٻوءِ اهو آواز ٽٽي هڪ چيخ ۾ تبديل ٿي بند ٿي ويو. روز جنهن ٻاڙ ڏانهن اک کڻي نهاريندو هوس اهو هيٺ دٻجي لڳو ۽ زمين ۾ هڪ وڏو خال ٻڌائي خود اُن جي گهراين ۾ گم ٿي ويو. منهنجي اڳيان هڪ سياهہ ڏنڊ- مڙس جي والدي ڦهي پيئي.

هن جو ڪير نہ هئو ۽ نہ ڪنهڪي خبر پيئي تہ مئو ڪير هئو. سڄي شهر ۾ شايد مان ئي هن جو دوست هوس. مان منجهي پيس تہ مان ڇا ڪريان؟ سندس لاش کي نيڪال ڪرڻ جي جوابداري منهنجي هئي. مگر مان شهر ۾ هن جي لاش جو نيڪال ڪري سگهان، اهو مون لاءِ ممڪن نہ هئو.

* * *

آسين ٻئي ڪراچيءَ ۾ برنس روڊ تي رهندا هئاسين. اسڪول ۾ پڙهندا هئاسين ۽ راندين ڪندا هئاسين. عمر اها ئي سهڻن واري سورهن يا اٺڻي اردگرد. ڪڏهين ڪڏهين فلمن تي. ڇوڻ، ڪڏهن آزاديءَ جي هلچل جي جلوسن ۾ شريڪ ٿيون. مونکي راڳ ڳائڻ جو شوق، ڪيس ڪتاب پڙهڻ جو. هو مهڻجي گهر اچي ته مان ڪيس راڳ ٻڌايان ۽ مان هن جي گهڙ وڃان ته لطيف جي شاعري، اردوءَ ۾ ٻڌائي. مان اردو ڳالهائڻ ۾ فخر وٺندو هو پر ڪيس چوندو هوس ته لطيف جي شاعري اردوءَ ۾ ٻڌاءِ. هو ڪلندو ۽ چوندو، جيڪو سندي لطيف نٿو پڙهي اُن کي مان سندي مڃڻ کان انڪاري آهيان. ڪڏهن گهر مان هن کي يا مون کي وڏيڪ خرچي ملي ته ٻئي ڇٽا ٽرين روڊ واري ريسٽورنٽ هوٽيل ۾ وڃون ۽ انين آني ۾ ٻئي ڇٽا ڀاڄي کائون.

هڪ ڏينهن هن هوٽيل ۾ مانيءَ نه کاڌي. ڇيومانس "ڇو؟"

"اڄ مالڪ جو ڏينهن آهي."

"مالڪ ڇو ڏينهن ڇو آهي؟"

"اڄ انگريزن هيمون ڪالاڻيءَ کي قاسي ڏني آهي!"

مهڻجي اڳيان سوال اٿيو ته مان مانيءَ کان يا نه کان، ڇو ته هڪ دوست مانيءَ نه کائي ته ٻئي جي گلي مان کاڌو ڳچيجندو ڪونهي. ان ڪري مان ڪو بهانو ڳولهڻ لڳس ته جيئن ڪيس مانيءَ کائڻ لاءِ مڃايان.

ڇيومانس، "رام-دين! ڇو تون ته مسلمان آهين."

"ڏرلي مهڻجو دين آهي." هن ڏاڍو ساهه ڪڍي چيو، "هن ڏرليءَ جا رهواسي لهرين سندي آهن ۽ ٻوءِ مسلمان يا هندو."

مان ٻئي ڀاڻي لاءِ سوچڻ لڳس.

"رام، هيمون ڪالاڻي تہ شهيد ٿيو آهي. شهيدن جي فڪر ڪيو آهي، ماتم نہ.

هن مشڪيو. اکين ۾ پاڻي نہ آيس. چيائين، "تون حق ڳالهائين. تون مائي ڪاڪ جو صحيح ڳالهايو اٿئي. مان پنهنجي فيصلي تي قائم آهيان. هيمون جي شهادت کي منهنجي ڳوڙهن جي ضرورت آهي."

ڏڏن اٿين تہ سوچيو هئو تہ ڪير هندو ۽ ڪير مسلمان آهي. اهي وڏن جا مسئلا هئا ۽ اسين ننڍا هياسين.

هوڏيل ۽ اسانجو ڏند هن جو اهو تہ هو مائي نہ ڪاڻيندو ۽ منهنجو اهو تہ مائي ڏڏهن ڪاڻيندس جڏهن هو ڪاڻيندو.

مون ڪردن جهڪائي ٻئي ڀانهون ٽيبل تي رکيون. ڳوڙيون ڪنجي اڄ ڦهليون ۽ مان خالي نگاهن سان ٻاهر رستي تي ٻيهل ٽلي جمنو ڪاڏي واري ڏانهن نهارڻ لڳس.

رام دين چيو، "موهن، تون مائي ڪاڪ توکي ڀڳوان رام جو قسم."

"مان ڪنهن ڀڳوان کي نٿو مڃان." مگر سندس چهري تي ڦهڪي ويل گهري اداسي ڏسي چيم، "تون ئي منهنجو دين، تون ئي منهنجو رام، تون ئي منهنجو ڀڳوان آهين. جيئن تون چاهين."

ٿورن سالن ۾ ڇا ٿيو، اُن ڏانهن مون ڌيان نہ ڏنو. مون فقط اهو ڏٺو تہ اسين قد ۾ ٿورا وڏا ٿيندا وياسين. اسانجا ڪلها موڪرا ٿيندا وياء. اسان جون چالیون ٻيٽيون ٿيون ۽ ڪاليج، مان ڊگريون وٺي ٻاهر نڪتاسين تہ خبر پيئي تہ هاڻ کو پاڪستان نہ رهيو آهي ۽ سنڌي هاڻ هندو ۽ مسلمان ٿي ويا آهن. جي هندو ٿي ويا آهن، تہ اهو ڇوڙ شروع ڪيو آهي، هلو هندستان.

هڪ ڏينهن مهاجرن ڪراچيءَ ۾ فساد ڪيا. رامدين سائيڪل ڪڍي اسانجي گهر آيو. ڀاڪ سان هڪ هاڪي ۽ آندي هٿائين. ڇپائين ته مهاجرن کي پهرين مٿينجي لاش مٿان لڳهڻو پوندو.

آمان چيس، "رامديا! تون ماڻهو پيءَ کي هڪ ئي پٽ آهين. تون هليو وڃ."

"آمان مان نديو ٿي وڃان ڳالهيون ڪريان." رامديو چيو، "هن ڌرتيءَ لي ڪجهه عظيم آهي جنهن کي مان بچائڻ ٿو چاهيان."

حملو ڪندڙ مهاجر ٻيو الائي ڪيڏانهن وڃا مگر اسانجي گهر ڪوڻ آيا. شهر ۾ ڪرفيو لڳي ويو ۽ شوٽ - ايٽ سائيٽ جا آرڊر نڪتا. آهي حڪم ڏيلا ٿيا ته هندن جا قافلا هندستان وڃڻ لڳا. اسان به ٿوڙ ڪڍي آڻ گاڏيءَ ۾ ڪيا ۽ ڪراچي بندر روانا ٿياسين.

بندر تي ڏسان ته بگ ڪيو رامديو بيٺو آهي.

"رامديا تون ڪيڏانهن؟" مون حيرت مان پڇيو.

"مان ته هندستان هلندس."

"مگر تون ته مسلمان آهين!؟"

"هائو مان مسلمان آهيان. سچو مسلمان. اسلام حق جي ڳالهه ٻوڪري ۽ حق جي ڳالهه اها آهي ته سڄڻ جا مالڪ انجا آدمي رهواسي، ان کي ناهڻ جوڙڻ وارا اهي سڌڙي آهن، جنکي هندو ڀڻائي پڌجي ڌرتيءَ تان لوڏيو وڃي ٿو. مان انجي احتياج ۾ هن ملڪ ۾ نه رهندس ۽ ٻاهرگير ٿيڻي هندستان هلندس."

"مگر تنهنجا ٻيڙا ماڻهو پيءَ؟"

"ان لاءِ حڪومت پاڪستان ويٺي آهي!"

سخت ٿي چيومانس، "ٻڌ تون هندستان نه هلندين. اڄ

ٿون هلڻين ٿا مان نه ويندس- مان آهي ۽ اباڻان وٽ رهندس.
مان مرندس مگر پنهنجي ڏرڻيءَ تان هٽ نه کڻندس. مرڻ لاءِ
مونکي ۽ کو سبب ملي سگهي ٿو!"

مرڻ لفظ ٻڌي هن پنهنجو هٿ وڌائي منهنجي واٽ لي
رکيو. ڪجهه چيائين ڪونه. اکين ۾ پاڻي آيس پر رڙيون ڪونه.
هن ٻگهه کنئي ۽ واپس وڃڻ لڳو. هو واپس هليو ويو. ٻيٽو
ڪونه- پنيان ڪنڌ ورائي مونکي ڪونه ڏٺائين.

مان ماڻڻ سان جهاز لي چڙهيس. جهاز ڏيري ڏيري هلڻ
لڳو ۽ وڏي ٻار سان وطن جي زمين کان دور ٽيڻ لڳو. ماڻهو
جهاز جي ٻيڪ لي ٻيٺا هئا. ڇا ڪنهن چتر ۾ چٽيل ماڻهو.
اُنهن ۾ ڪا ۽ هلچل، ڪا ۽ حرڪت نه هئي. ڇا هو پنهنجا لاش
ٻاڻ ڏوڻي رهيا هئا. ڪن شايد خاموشيءَ ۾ رنو هوندو. اُن
ڏينهن سمنڊ ۾ پاڻي ڪجهه وڌيڪ نظر آيو. مونکي اُن جو رنگ
نيرو گهٽ ڳاڙهو وڌيڪ نظر آيو- يا شايد منهنجون اکيون
ڳاڙهيون ٿيون، اُن ڪري سمنڊ ۾ تازي رت جو وهندڙ درياه
ڏسڻ جو وهم جاڳيم.

آهستي آهستي وطن جو ڪنارو نظرن کان دور ٽيڻ لڳو.
دور ٽيندو ويو ۽ دور ٿي ويو. هاڻ هيٺ پاڻي، مٿي آڪاش
۽ وچ ۾ لاش ڀريل جهاز هئو.

منهنجي اکين جي ڪنڊن ۾ ڪا گرم پاڻياٽ وطن سان ڳڏ
رام ڏين لاءِ ۽ جمع ٿيڻ لڳي. مگر هو ڪمبخت ڏسائي نه
منهنجي پاسي ۾ ٽينو آهي ۽ مشڪي رهيو آهي.

* * *

رام ڏين واٽ مري ويو. ڪڏهن ڪڏهڪي نه ٻڌايائين ته
هو مسلمان آهي ۽ هڪ اعتراض ۾ هندستان آيو آهي. چاليهه
سال ٿيا يا اٺيهه. سالن سان ڪو فرق نڏو پوي فرق فقط

عمرن ۽ نظرن جو ٽيندو آهي.

هن رفيو جي سرٽيفڪيٽ ۽ پوءِ راشن ڪارڊ تي نالو لکايو. رامر ديڏن سڏائي.

اسان ٻڌي ڪي ٻن ڳٻڻن ۾ الڳ الڳ ملنا.

منهنجو ڪٽو ٽيو. ته مون هن اڳيان سندس شاديءَ جو سوال رکيو.

"شادي ڪندس ته مائٽ سمجهندا ته ڪنهن هندو ڇوڪريءَ جي عشق ۾ انڌا آيو آهيان."

"مگر اهو ته سچ ڪونهي."

هن مشڪيو. رامر جي مشڪ بحث جي آخر ۾.

هن هڪ وقت تي ڪپڙا ڪمائيءَ لاءِ هوميوپيٿيءَ جو دڪان کوليائين. هڪ ڏينهن ڪوليائين ته ماڻهو ڪتابن سان دوستي رکن ۽ سندي ادبڪ ۾ بحرو وٺڻ شروع ڪيائين. سندن جا ڪلچرل ۽ سياسي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ "دنيا جا سنڌي" هڪ ٽيو جو ڏعوو لڳايائين. وقتي ڪانفرنس ۽ سيمينارن ۾ ويندو ۽ واپس موٽي مونکي ڳالهيون ٻڌائيندو. گهر بادستور خط لکندو ۽ هڪ دفعو بدليل تالي سان اتان تي ڏيڻ ٿو آيو. ٿورا سال ٿيا ته والد ۽ والده گذاري ويس. آهستي آهستي سندس چپلڻ ۽ چپ تي ويڻي ۽ رات جو همشهه لاءِ ڏڪي ٻيو.

مون لاءِ اهو سوال ته مان هن جي لاش جو ڇا ڪريان. شهر ڇاڻي ٿو ته هو هڪ هندو آهي ۽ فقط مان ئي ڄاڻان ته هو مسلمان آهي. قبرستان الهاسنگر ۾ ڪونهي، ڪلياڻ ۾ آهي. مگر ڪاڻي وڃڻ لاءِ به چار ماڻهو ڪٺا ڪن ۽ اهي پڇندا ته جڏهن هو هندو آهي ته ڪپس قبر داخل ڇو ٿو ڪيو وڃي؟ هڪ سچو مسلمان اڏڻ قبر داخل نٿو ٿئي ته اها هڪ دوست سان وساهه گهاتي آهي، جنهن اعزاز جو هاڻ ڪنهنجو پورو وجود کڻي نه سگهندو.

اڳر مان ظاهر ڪندس تہ هو مسلمان آهي تہ شڪ جي فضا قائم ٿيندي. تہ اڳر هو مسلمان هڻي تہ ڪيس پنهنجو دين ٻڌائڻ جي ڪهڙي ضرورت هڻي؟ ڪير ۽ مون ڏي وشواس نہ ڪندو تہ هو هڪ اهڙو سڌي هڻي، جو پنهنجي ڌرتيء کي مسلمان ٿيندو ڏسي اهڙي ڏي ڇڏي آيو آهي پنهنجي همو طبعن جي جلاوطنيء جو درد پوڳيندس ۽ ڪنهن کي پتو پوڻ نہ ڏيندس تہ مون لاء ڪجهہ عظيم آهي، جو ڇڏيو آهي ۽ اُن لاء هن ڪهر، مائٽن، وطن ڇڏيو. ان ڪري مونکي ڪو حق ڪونهي تہ مان ظاهر ڪريان تہ هو مسلمان آهي. ماڻهو شايد اڄ ۽ ڇون تہ رام دين کي پاڪستاني جاسوس يا ڪجهہ ان ريت هڻي جو مون لاء برداشت ڪرڻ ممڪن نہ هڻي، ۽ مان سندس مڙس جو صدمو برداشت ڪرڻ جي حالت ۾ نہ آهيان.

مان چا ڪريان - چا نہ ڪريان؟

مرڻ بعد ڪنهنکي ٻوڙجي يا ڇلائجي تہ اُن سان مرڻ واري کي ڪو فرق نٿو پوي. مگر جيئري کي تہ دستور نباهڻا آهن.

مان چا ڪريان - چا نہ ڪريان؟


مان اُٿي چيلهہ کي سنڊو ٿو ڪريان ۽ هٿ سان چيلهہ ۾ زور ٿو ڏيان ۽ رام-دين ڏانهن هلڻ ٿو لڳان.

مان هلندي هلندي فيصلو ٿو ڪريان تہ مان رام دين کي ڀر داخل نہ ڪندس ۽ ڪيس مساڻ ۾ ڇڏي ڪي راه ڏيندس. مان چاڻان ٿو تہ مان پنهنجي دوست ۽ سندس دين سان ئي انصافي ٿو ڪريان. مگر مان اها ئي انصافي ڏور ڪرڻ لاء وصيت ڪندس تہ جڏهن مڙهنجو مڙس ڪٿي ڏڏهن مون کي شمشان ڀومي۽ ۾ جلايو نہ وڃي، قبرستان ۾ دفن ڪيو وڃي. ❁

سورٹھ ۱۹۸۸ء

★

هي صفحو اصل كتاب ﻣ خالي چڈيل هئو. .



"امان پيري ٿو پوان" سڀن ٻڌلي ۽ گهري دوست جي ماءُ جي پيرن ڏي ڏسڻ لڳا. شاهي حال ۽ غلام، ڇٽو ڦون، وڏو ۽ ننڍو، سڀ ويا. صوفا سيٽ، درين جي بالڪنيءَ ڏي ڀرڻا.

"ڳچوان سڏان ٿيو ڪري."

سڀن کي جواب نه ڏنو.

ٻاهر گرمي هئي. حال ۾ اي. سي. هئڻ سبب سڀن جي منهن جو رنگ ٻاڦ ٿيڻ لڳو.

ڏاڍو ڏکيو سڏڻ جهڙو ٻڌيءَ، ڇوڪرو ڏي هٿ رکي سوال ڪيو، "نوڪري ڪري ڪرين ٿيو يا اڳ شاعري ٿيو ڪرين."

سڀن کي جواب خيال ۾ آيو نه. چوي، شاعري ڪرڻ خود ۾ نوڪري آهي. اڄي کو مالڪ کي نوڪر ڪونه ٿئي. شاعريءَ جي سلطنت ۾ شاعر شهنشاهه آهي مگر اُن کان ٻاهر هو ڏاڍ ۽ ٻن ٻانهين جو ٻار ڏوڪي سگهي، اُهو ممڪن هجي، نه هجي، اهو چوڻ ڪٺن آهي. ماڻ اُهو ٻار ڏوڪي نٿو سگهان. ڏاڍ ڪيڻ ٿي گهر هلائي، اُها اُنکي خبر- ڪڏهن شڪايت نه ڪئي اڄائين ۽ اڄ ماڻ ٻراڙي ٻار کان ٿوري مدد وٺڻ آيو آهيان. شاعريءَ ۾ اُها مجبوري ڪونهي مگر اُن ۾ اُهي مجبورين ماڻوسين جي جڳهه ضرور ونڊيون آهن ۽ مون لاءِ مجبول آهي نه ماڻ درد جو شاعر آهيان.

سڀن مشڪي چيو، "نوڪري ڪرڻ ٿيو."

"مونکي ياد آهي تون شاعر هوندي ۽ ڊي. جي. سڌ

ڪاليج ۾ پهرين نمبر آيو هئين. اڪثر وڃه سال تيار رهيو ته ڪلياڻ (رفيوجي ڪئمپ) ۾ ٿيو آهين؟"

"ها."

"ڪنوار ڪيئن آهي؟"

"خوش آهي."

"پار؟"

"هڪ ٻڍون، ٻيو ستو پڙهي."

"پڳوان ٿو پار ديرادون موڪليا آهن. چوٽسن اڃا ڪلب مان ڪانه آئي آهي. پلا مان هلان ٿي. وسيت آهي ـ راهه ٿي ويڻي آهي ۽ اڃا ڪتا نه ڪئي اٿم. سڀي ڏينهن ۾ ڪجهه ڪاڏو ٿو نه اٿم. ٿون چانهه پيئندين؟"

"نه امان ـ اوهان ڪتا ڪڙيو."

بدي ويڻي ٿو گاڏون ۾ ڏيکيل پڳوان آيو. "اڙي سڳن ٿون اڄ پار ـ ڪلي نه مل."

سڳن آئي ٻينو، هن گرم جوشيءَ ۾ ملڻ پاڻ ۾ ٻاڻ طوفان ڪا جذبات نه ڏيکاري.

ٻڍي هڪ صوفي تي ويٺا. نوڪر حڪم ملط تي شيشي جي ٽيبل تي ٻڌڪ ٽيبل وسڪي ٻاڻل، آئيس باڪس، گلاس، سوڊاڻون، هڪ خالي پليٽ، هڪ فاءِ فاءِ پاڪيٽ، ماچيس، ائش ٽري ۽ خاڻن ۾ ورهايل ڏوڏهن، ڪاجو ۽ ڪشمش چو ڏنو رکي ويو. اهو ڪم ٽن قسطن ۾ ڪيائين.

"پڳوان ڪيس گلاس ناهي ڏنو ۽ ٻنهنجو گلاس انسان ٽکرائي چيائين، "چيئرس."

سڳن ٽکرايل گلاس ٽيبل تي رکيو.

"شروع ڪر."

"اڃ نه."

”يار زندگي مان ڪجھ واجب ونجي.“

سڳن سگريٽ ڪيو ۽ ڏيکاريو. ”مون لاءِ سگريٽ ئي واجب آھي.“

”ڇو ڪڙو ڇڪين؟“

”بند ڪيو اٿم.“

”ناممڪن!“

”ڀڙي ڇڪيندو آھيان.“

”سگريٽ ڇو نہ؟“

”ڪاڏي اڏيوگ ۾ سال ۾ فقط پنج روپيا واڌ ملي. اُن مان فقط ڀڙاون ممڪن آھن.“

”ڏوکي ڇيم شاعري ڇڏ. اھي ڪم ٻورڻين کن، جتي ھو ڪافي ناڻو ڪمائين. اڃا ڪيترا ڀرڇا آھي؟ ھتي قدر مرڻ بعد ٿئي. جيون ۾ فقط ڏکڻ ئي ملي. تو کي استاد نہ ڪيو- مون ليکراج عزيز کي ڪيو. مگر ھن صلاح ڏني نہ شاعري ڏنھڻي وس جو روگ ناھي. وڃي ڏنڊو ڏاڙي ڪر. اڄ تو وٽ ڪوتا آھي - ڀڙسو ڪونھي. مون وٽ ڀڙسو ئي ڀڙسو آھي.“

”ڏوکي شيخ اياز ياد آھي؟ اسانجو دوست.“

”ھا ھا.... ياد اڇي ٻيون اڃا شاعري ڪندو آھي؟“

”شاعري جيڏندو آھي.“

”ڇو؟“

”اُن ڇيو آھي: جيڪڏھن شاعرڻ ۾ دولت ڪونھي نہ دولت ۾ نہ شاعري ڪونھي.“

ڀگوان وڏو ٺھڪ ڏنو. ڇڙائين، ”تون دل ۾ نہ ڪر. دوستيءَ ۾ سچ چوڻ گھرجي. سڳن ماڻھن کان اھڙ ۾ ڪڙ ممڪن ڪونھي.“

سڳن مشڪيو.

"مان لهنجي گهڙ آيو هوس. دادن ڪر پر مشغول هئي. ڪوڙا ۽ پاڻ ڏوڪائين. باسڻ ۽ پاڻ ملهائين مگر خرب لڳو. جڏهن هن تو لاءِ اخبار ورڻي. اگر هوءِ اخبار وڻ بند ڪري نه ڏين سگهيٽ چڪي سگهين ٿو."

سڳن جو من ضرب کائي ويو. هن زندگيءَ ۾ هڪ گرڇوٽيت چا اخبار پڙهڻ جو لطف وڃي نڏو سگهي؟

سڳن کي لڳو ته سندس اکين ۾ رت جو ڳوڙهو پرچي آيو مگر هن جواب نه ڏنو ۽ مشڪي غم کي پي ويو.

"ڪافي وقت ڪانپوءِ آيو آهين ـ وشڪي پي. سيڪنڊ ورلڊ وار ختم ٿي نه اڃو اڳهه فقط ڏهه رپيا هئو ـ پندرهن سالن بعد اڃو اڳهه هاڻي سؤ ٿيو آهي."

"مان هڪ شرط ٿي وسڪي پيئندس."

"لهنجا سڀ شرط منظور ـ مگر وسڪي پي."

"شرط هڪ آهي."

"منظور آهي."

"نه بهرڻ آهو بڌ."

"چڱ."

"مونکي سمجهه نه هڪ چيز کوي، سمجهه وسڪيءَ جي هڪ ٻالڻ."

"لڪ نه" سڳن مشڪيو، "فقط هڪ" هن لمبو ساهه ڪڍي چيو، "چوڻ ۽ شرم ٿو اچي، جو دوستن وچ ۾ اها ڳالهه اچڻ نه گهرجي. ڪٿا دفعا لهنجي ٻڌلي ٻائين اچي مولي ويو آهيان. اڄ ئي شرمو ٿي ٿو وت آيو آهيان. مونکي وسڪيءَ جي ٻالڻ نه کوي. صرف هڪ سؤ رپيا کوڻ."

"پنج سؤ رپيا ـ ڏيندو سان ـ يار ويهه ـ ڪجهه پي، ڪجهه

ٻڌاءِ. اُلهاسنگر جي ٽرين ڪڏهن آهي؟"

"هاڻ پگوان دوستي اِها آهي ته اسٽيءِ تي ڪو دوست اچي ته ڪانئس فقط ٻه سوال ڪيا آهن: اسٽيءِ تي ڪڏهن آئين؟ واپس جي رزرويشن ڪڏهن اٿئي؟"

"مون توکان اِهو ڪونہ پڇيو. اُلٽا مائونٽ روڊ ڪان ڪاري. ئي. تائين فقط ڏهہ منٽ وڻندي آهي. هن وقت ٽرئفڪ ٿئي ڪونہ. اُن حساب سان تہ هيڏي شاعري ٻڌندس."

سڳن جي چهري تي سخت ڪاوڙ ۽ ڏاڍ سنهيون نسون چمڙيءِ جو اندريون پاسو وٺي ٻاهرين ڏي هن هڪ شعر چيو:

"زندگي لهڏي ادائن کان ٿيو بر آهيان،
غم جا پلهو نہ بدل — نيٺ ٻہ شاعر آهيان."

دوست کلڻ لڳس.

سڳن کي پگوان جو اُهو کلڻ وڻيو. هڪ سچو دوست ئي عيبن تي کلندو آهي، نڪتڇيني ڪندو آهي ڪيڏي مڪت آهي. اها کل.

"تون شاعر آهين، لهڏکري زندگي توکي اناڻونس ڏئي." هاڻ سڳن مشڪيو.

پگوان چوندو رهيو. "اهو شعر ٻڌاءِ ڪي هڪ ٻرائڻا آهي نہ "هي دين دياڻ تون منهنجو غم غلط نہ ڪر — مگر اُنجو روپ بدلاءِ." مريض جو ڪرنگهو پگو ٻيو آهي. اهو ڊاڪٽر کي اٿين نڏو چوي نہ "تون مونکي ٽيڪ ڪر نہ گهر وڃان." ڪرنگهو پگو ٻيو هجي، هو فقط چاهي ٿو نہ ڊاڪٽر سندس ايترو علاج ڪري نہ هو هستري لي پاسو بدلائي سگهي."

"آهہ" سڳن چيو، "گهٽ هوسٽ ۾ ٿوري هوا نہ وڻندي آهي! مان، منهنجا دوست! ايترو ٽهليئي آهيان جو مونکي غم جي نہ مصنوعيت نہ ڪوي!"

"هاڻ تہ الهاسنگر ۽ لنهنجا ڪافي دوست هوندا."

"فقط چار آهن."

"ڪير؟"

"موهن ڪلهنا، ايشور آڇيل، ڪرشڻ راهي، نارائڻ پارٽي."

"اميٽي ۽ ڀ؟"

"مالهي، ڪيرت، اُتر، سندري، ڪلا..."

"ڏهلي ۽ ڀ؟"

"نارائڻ شيام، لچمڻ ڪومل....."

"پاڪستان ڀ؟"

"شيخ اياز - رشيد پٽي....."

"معني مان اُن لست ۾ تہ آهيان."

"مان ڪميونسٽ آهيان."

"سو مان لنهنجو دشمن؟"

"مان شخصي ملڪيت جي تہ خانگي ملڪيت جي خلاف آهيان."

"اچا - اچا."

"اندين ۾ تہ ٻي- وي- وڌيڪ ڪونهن مگر تو چو ڪيو آهن؟"

"ٽوڪيو مان آندم - ڪڏهن تہ ڪم ايندا."

وڏي ٻڌندي، "ٻيو شعر ٻڌاء. سال ٿيا سڏني شعر ٻڌندي."

"لنهنجي هوٽيل ڪيڻ ٻيڻي هلي، فاء اسٽار آهي نہ؟"

"ها." ڀگوان چيو، "دنيا ۾ ٽن قسمن جا ماڻهو گهڻو ڪمائيندا آهن - هوٽليئرس - بلڊرس - وائين مرچنٽس."

سڳن وڏي ٻڌندي چيو، "گلاس خالي آهي، هاڻ مان هلندس."

سڳن اُٿيو، "ڀگوان ويهاري ڇڏيس، "يار لوڪي شاعري پسند

آهي مونکي ڏن. منهنجو ڏين ٻڌهنجو.- ڪجهه ٻڌاء."

سڳن ڪيس ٻڌهنجو ۽ دوستن جو ڪالهه ٻڌايو. وءِ آڻيو. ڪيس لڳو ڇڻ لنبو عرصو جيل ۾ گذاري هڻائين.

ڀگوان نوڪر کي چيو، شوفر کي چئه ته گاڏي ڪڍيج کان باهر ڪڍي ۽ صاحب کي وي. ٽي. ڇڏي اچي." اُن ڏند ڀڳي ڪنهن مان ڪجهه ٻڌڻ ڪٽي. آيو. سڳن سڀڪو ۾ خيرايو جو شراب پيتو هو، ٿوليتي وسڪي ٻيڌڻ سبب غصي چڙهي هئس، مگر هن ٻڌهنجو حوصلو قائم رکيو.

قد جو ڏگهو ڀگوان ڪيس دروازي کان باهر وڃي آيو ۽ ڪيس ٻڌڻ سڻ ڏنائين.

سڳن ٻهرين نوٽن کي، پوء ڪيس ۽ پوء ڏاڪڻ ڏانهن نهاريو. ڀگوان سڳن جي ڪلهن تي هٿ رکي چيو، "ٿون ڪو فڪر نه ڪر. مگر دادن کي سمجهاء ته گهر کي سنڀال سان هلائي."

سڳن دوست جي منهن ڏانهن بلڪل هڏي اکين ۾ نهاريو. ڪيس خيال آيو ته دوست کي چئي ته اڳ ٻڌهنجو مطلب اهو آهي ته منهنجي زال کي گهر هلائڻ ڏيو. اچي ته مان ڪيڏي نه قيمت تي ٿوڪي اهو ڇوٽ جو اڏڪار نه ڏيندس.

مگر سڳن چپ رهيو.

هن محسوس ڪيو ته ڪيس ذليل ڪيو وڃي آهي. لڏهن ۾ هو چپ رهيو. آهستي ڪيس چيائين، "مون توسان ڇڙچو ڪيو. مونکي ڏسن جي ضرورت نه آهي."

هن ڀگوان جي هٿ ۾ ٻڌڻ نوٽ واپس ڪيا ۽ هو ٻاوڻي مشڪ سان هيٺ لٿو ۽ ٻڌڻ ڪندو باهر بس اسٽينڊ تي اچي ٻيٺو. سندس اکين ۾ ڳوڙها جمع ٿي نه سگها ۽ سندس من ۾ شبدن جو روپ وٺڻ لڳا.

هاء هيءُ ٻڌهنجا.

۽ پنهنجي بڌ جي هيءَ حالت
جيڪو ڏس سو ڏو
نصيحت سان ڏو وڃي ڏمڪائي!

مگر هن اُن وقت اِهو فيصلو ڪيو ته هو پنهنجي زال سان پنهنجو درد نه وڌيندو. ۽ ون اڪثر پنهنجو درد هن سان نه وڌيا آهن. ڪيس ڏاڍو دکي ٿيندو ته مان مٿن ڪيترا درد ڪٿي جي رهيو آهيان. مان ڪيس دکي نه ڏيندس. ❁

(رهاڻ ۱۹۸۸ع)

*

ڪوڪي جي چپ چپ

مونکي لڳندو خط ملڻو. چاليهه سال اسان گڏ گذاريا آهن. پويان ڏهه سال ٽون ڊائي ۾ آهين ۽ ٻلوٽيئر ٽيو ٽيو آهين. ٽون مون ٻانڊ گهٽي خبر رکين ٿو ۽ ليکين ٿو ته هسٽريءَ ۾ ايءَ. ايءَ. ڪرڻ بعد ته مان هڙ ڇهين مهيني نڪرون ٿي وڃان سگهان. البت هو ڇهين مهيني نوڪري بدلائي ٿو ڇڏيان. ته مان هلندي رستي لي ڏيهي ٿو رهان، پٽر ٿو ڳولهيان ۽ ٿوڻ مان نڪري آيل ڪوڪي کي ڪٽيان ٿو. ته ٽون هڪ ڊيسينٽ نوڪري ته ڀا مگر هڪ قابل موچي ته ڳولهي ئي سگهين.

ها، مونکي ان ڪوڪي جي چپ چپ گهٽو ستايو آهي. هل ۽ ڏيهي رهه. هيل ۽ ڏيهي رهه. هلڻ مڌهجو سڀاڻ ڀڻ مڌهجي عادت ۽ سوچ مڌهجي مجبوري آهي.

ٿوٻ، نوڪرڻ ۽ چوڪرڻ ۾ ڪو نه لاڳاپو ضرور آهي. هر نوڪري ۽ هر ٿوٻ ڇهين مهيني بدلائيو آهي. نوڪري يعني ساڳيا چهرا، ٽيبلون، ڪرسيون فائيل عزتون ۽ هڪ ڏينهن باس جي غلطيءَ سبب ذلت!

توکي ڇا ٻڌايان مان؟-

جڏهن ته نئين نوڪري ڪرڻ ته امان پڇي: پٽ، ڊائريءَ ۾ ڪهڙو نمبر لکان؟- هڪ ٽي ڊائري آهي پٽ! ها، فون نمبر؟ ..... چوانس: ٿورو ترس. ٿوٻ جي ڪوڪي گهٽي چپ چپ ڪئي آهي. ڪوڪا ٽيڪ ڪرايان ته ٽڻون نمبر

ڏيندس. هڪ ڳوڙهو اکين ۾ تري آيس جڏهن چوانس: اهو فون نمبر ڪٿي آهي.

پوءِ جڏهن ڪوڪو چپ چپ ڪري ٿو ان قسم جو هڪ ڳوڙهو منهنجي اکين ۾ اچڻ جي ڪوشش ڪري مگر اهو هڪ گرم آهه بڻجي، جن ۾ هڪ نئون زخم ڪري، ان جي ٿري ۾ گم ٿيو وڃي ۽ زخم کي ڍڪائڻ جي ڪوشش ڪري. ماڻهوءَ جو وجود هڪ ڇيل زخم آهي.

ڇوڪريون مڙس پسند ڪرڻ کان اڳ ۾ اوت پسند ڪنديون آهن. هو ڇوڪرو ڏسنديون، اوت ڏسنديون. پوءِ اها واقفيت جي ڇڻ کي ڇڙنديون ۽ آخري نگاهه ۾ چونديون: ڇا ..... هو ان رات مونکي ڪڏاوڙ رهڻ نه ڇڏيو ڇو. هو انهن جي وڏيڪ عاشق ٿين جي روز الڳ الڳ جوڙا پائين - اوت - سنڊيل ڇڇل! ڪار ۽ ڇڇل لوفرپائيءَ جي ڀاڙين نشاني آهي.

انسان ڇهي ڏڻهن ۾ آهي. اي. آئرس ڪٿي ٿو ڏاڍو خوش ٿياسين. انسان اڀياس ڪي مڪڙ ۽ مارڪس جي نظر سان ڏٺو. ڏٺو ڇيو: هر ديش جو ڪنڊر انجو آرٽڪ ڀانڇو ٻڌ ڪري ٿو. مارڪس اڀتي ڪالهه ڪٿي: آرٽڪ ڀانڇو ئي ڪلچر جا بنياد ناهي ٿو. مگر اهو ڪيان ڪهڙي ڪم جو؟- ڪيان وسنو ٿو ڏي نڪو سگهي.

فيوز اڏامي وڃي نه ٿاهي نه سگهان ڪو. ٽيڪنيڪل ڪم ڪري نه سگهان. سگريٽ ڏکايان ۽ آڪاش ڏانهن نهاريان. اها سونهن مان اکين ۾ ڀريان. مگر چانڊوڪيءَ کي پالش لڳائي اوت چمڪايان اهو مون لاءِ ايا ممڪن ڏي نه سگهيو آهي. ڪوي نه لکندا: "اَئبد د اِستارس اِن هـر هيئر وِر سيڙن (۽ هڏي ڪيس ۾ ست ستارا انڪيل هٿا!)"

موچي ڇڙي ڏکائي- مان سگريٽ. هو مترڪو ڪٿي ڪوڪن

کي اندر کندو. چوندو وڃ. وڃ سال ٿي ويا آهن. مگر ڏسان نہ ٿي ڏيهن موچي غائب. آءُ دڪان کوليائين ۽ اڇو سودو ڪري وکيائين. چيائين ديوان- هي فاءِ فاءِ فاءِ هڪ. ٻاڪ ۽ پيو اهو چڪي. پڇيومانس: اڏائو، ڪون ۽ فاءِ فاءِ فاءِ؟ چي: ديوان سيمگاپور ٽرپ جا پندرهن سؤ ريپا ۽ هڪ ڊريس ملي. هاڪ مان فارين رٽرنڈ آهيان هاڪ منهنجا ٻار موچي نہ، واپاري ٿيندا.

ماڻهو واپاري هن ريت ۽ ٿيندا آهن. سال ۱۹۸۷ لکندا ۱۹۶۲ هڪ پلات ٿي اڏاوت کندا ۽ اڻتي پراڻي رنگ جي پوچي هڏندا. لکندا: ووٽ فار پاروليگر. يعني اهو قبضو ۱۹۶۲ جو آهي ۽ اُلهاسنگر ۾ پرٿا اها هڏل آهي نہ ۱۵ مئي ۱۹۶۵ ٿائين هو هر بي قاعدي اڏاوت ريگيولرائيز ڪري. فٽپاٿ نہ ٻڌ بند ڪيو آهي ۽ هو فارين رٽرنڈ ٿيا آهن. پي پڻي ذليل ٿين ان کان ڪيرئڙ واءِ ٿي سيمگاپور وڃن. مال کڻي اچن، ڪسٽمس ڀڃن ۽ سمگلر ٻڌڻ جي الزام ڪان بچيو وڃن. ۱۹۴۷ ۾ ڪراچيءَ ۾ ڪير رهڻي ۾ چار سير ۽ هاڪ ۱۹۸۷ ۾ ۸ رهڻي ليٽر آهي. ٻاڙهن، دالين، صابڻ، ڪٽمڙن، پاڇين وارا لکاپتي ٿي ويا آهن. اڳ پاڇين ۾ مصالحو مفت ملندو هو- هاڪ الگ پئسا ونن. منهنجو پگهار اهو ٿي ۸-۱۰ يا ۱۲ سؤ. يا ٻڙي. ووٽ ڏيڻ کان ايدائي سؤ. ووٽ ونان يا گيهه جو ڏيو ونان. ۱۹۶۷ ۾ اندرا گانڌي پرڌان منتري ٿي نہ گيهه سٽ رهڻي هٿو. هاڪ سايا چار سؤ رپيا آهي. اتهاس جي ڏگري ڪهڙي ڪم جي؟-

اُن ڏيهن رستي ٿي ٻڙ نہ ملبو ۽ ڪوڪي جي چپ چپ سبب مان هلي نٿي سگهيس.

پيش معذول هيٺ. آب معذول پاڻي. هڪ جگهہ ٿي امتياب اچن جو فوٽو ڇڪل هٿو ۽ لکيل هو: پيشاب گهر. سوچيم نہ

ڪجھ وقت اندر وڃي بھان. اندر ويس نہ ماڻھو پي آيا ۽ وياء
مونکي بيشاب ڪرڻ جو ارادو نہ ھيو. ڪن ماڻھن شڪي
نظر سان نھاريو. شايد پاڪيٽ مار سمجھيائون ھالانڪ آھي نہ
ھاڻ فارين رٽرنڈ ٿي ويا آھن.

مون پيٽ جا بٽڻ کوليا تہ مونکي آھا ڪيندي ھڪ ڏرليء
جو روپ ڏسڻ ۾ آئي. مون سوچيو: مان پيشاب ڪري نہ-و
سگھان - مگر اُن ڏرليء جو نہ ھڪ انھاس آھي ۽ مان اُن
انھاس تي مٽ لڳس. "آء ھيٽ يو ھسٽري. آء ول ڪل يوُ!"
ھسٽري شڊ نہ ڊسٽرائيڊ.

پنيان ھڪ ماڻھوء ھڪل ڪئي: صاحب ھيء کا پوليٽيڪل
ميٽنگ نہ آھي جو چلاءِ ٿا. اوھان جناح کي ٻلي ڏکاريو مگر
اُن سان اوھان کي سڌ واپس نہ ملندي. پليز، ايڪسپيڊائيٽ!

مون اڳيان انھاس ھو ۽ مون اُن کي پٺھڻو لڳڻ ڏيکاريو.
انھاس ڪارو ڏنڊ آھي. اُن ۾ مھا ڀرش اڇا نشان آھن. مگر جن
۾ ڪو نور، ڪا روشني ڪانھي. انھاس ھڪ سينگاريل
لاش آھي!

رت؟- رت انھاس جي ڏن ۾ آھي. رت مون ۾ ڪٿي؟ ھوت جي
ڪوٽين ۾ ڪيپيلري سسٽم ۾ رت ڪيئن ڇلڪندو آھي. ھلان ۽ ھان.
ھان ۽ ھلان. آلو وارو چوندو: سالا پري ٿي وڃ!- مان ڪٿھنکي
سالو چوان؟ مونکي نہ زال ٿي ڪانھي. زال ڀورن ڀرڪا
ڏيڻي. اُن ڪان اڳ ڇوڪري ھجي. مگر ھوء ھوت ڏسي ۽ چوي:
چ ... ! ھڪ ٽڪ منھنجي منھن تي لڳي جنھنکي مان ھڪ
خيالي رومال سان صاف ڪريان ۽ اُن جي بدبوء نڪ ۾ رکي
گھمان!

اُن ڏينھن مڊڪ مڊڪ ڪري شو جي مڊڊل ويس. ھوت
[illegible] ڪنھن ڇوڙ ۽ گم ٿي ويندو.

چيومانس : چورن کي ڇا استنبرڊ آهي.

— استنبرڊ ۽ چورن کي؟

— هائو. آخر ڇا هيءَ هڪ ٻوٽ آهي کو سرڪاري فائيل کونهي جو گم ٿئي. ملڪ جو ڪو مخفي راز کونهي. کو وشواس کونهي. کا مهمه شر سه ۽ لهذنه کونهي. هيءَ ٻوٽ نه بس هڪ گرنجوٽيتس جي ڏگري آهي، جا فقط پراڻي ٿئي نڪمي رهي.

نه، اهڙي کا گفتگو اي ٽي کانهي. مگر ڪڏهن نه ڪڏهن نه ٿي سگهي ٿي. شايد ڪڏهن من ۾ ٿي هوندي. من ۾ ٿي هوندي. ماڻهو فقط باهر نڪو جيئي.

اُن ڏينهن انٽرويو ۾ هڪ ڇوڪريءَ کي فيل ڪيم. ٻاس چيو: چريو آهين. گل کهڙا نه ڪلابي الس. لون لياڳ پتر ڏي ۽ سندس اَپائنٽمينٽ جو ليٽر ڪڍ. ٻنهنجي پوسٽ کيس ڏي. هاڻ لون نه هوء منهنجي ٻي — اي آهي.

هڪ انٽرويو ۾ مان فيل ويس.

— اڄ ڪڏهن نوڪري ڪئي اٿئي؟

— ڪيون اُٿم!

— ڪهڙيون؟

— ڪٽيون نه اٿم!

— نه ٻوء هتان ڇڏي ويندين؟

— ها!

— ڇو ڇو؟

— ڇو جو، هر مالڪ ڪنهن اجائي سبب يا ٻئي سبب ٿي، پنهنجي ملازم کي ذليل ڪري ڪڍي ٿو ڇڏي. هر ڪي نوڪري دائما ذلت جي تسليمي آهي.

— ذليل ماڻهو نه ذليل ٿيندو ٿي.

— برابر، چو ته ڏڪيل آهو نه هوندو آهي، جو ڏڪيل ڏيندو آهي، مگر آهو هوندو آهي، جو ڏڪيل ڪندو آهي. آء اسپيڪ آف ڪلچر، آئنڊ ٽات آف هسٽري.

— ول يو پليز گيٽ آئوٽ؟

— يو هڪ تو گيٽ. بٽ آء ول ايٽ آئوٽ. هيئر اِز د دور آئنڊ هيئر آءُ گو!

رستي لي ايهي جولي کي ڪٽي رهيو آهيان. ڪوڪي گهٽي چپ چپ ڪئي آهي. ۽ ٽوڪي خط لکان ويٺو. گهڻا خط ٽوڪي لکيا آهن ۽ پوسٽ نه ڪيا آهن، جو لکيا نه آهن، صرف سوچيا آهن. ڏهنجو خط مليو ڪونهي. مگر مون طرفان سوچيل ڏهنجو خط مونکي مليو آهي.

ٽوڪي چيم، ٻاهر جيئي نه جيئي، ساڻهو پنهنجي اندر ۾ جيئي ٿو. ڪو، ڪوڪو آهي جو منهنجي روح کي ضرور رهيو آهي. ❁

(ڪو نج ١٩٨٨)

✶

۽ هوائي جهاز ۾ هڪ صبح

مون لاءِ اڃا پهريون دفعو مسافري هئي. پهريون دفعو هئي
ڌرتيءَ مسافري جا مون همیشه پسند ڪئي آهي. گهر کان
باهر وڃڻ ۽ باهر وڃي موٽڻ ۽ واپس موٽ تي واپس موٽڻ جو
مزو. مگر هوائي جهاز ۾ چڙهڻ جو اهو پهريون دفعو هو.

هن کان اڳ مون هوائي جهاز جي ٻيٽ ۾ ٽرين جي مسافري
پسند ڪئي آهي. دريءَ کول تي پورو هندستان سامهون. شهر،
ڳوٺ، جهنگل، ٻيلا، کيت، ڪڙمين جو فصل لٽ - زالن جو
کيتن ۾ وڃڻ، سڌو قطار ۾. هڪ ئي قسط ڳاڙها يا ساوا يا پيلا
نيز رنگن جا ڪپڙا. ڪاڏي ٻون ۾ اهڙا چتر وڪامڻ. چترن ۾
سڀ ڪجهه ٻئل هجي مگر زندگيءَ ۾ حرڪت ۽ روانيءَ آهي.

بس مسافريءَ ۾ آهي تفصيل وڌيڪ سوڪيم ۽ باريڪ ٽين.
قلعا، ڪنڌهر، اجڙيل تاريخي يادگار.

سهوليت ڇڏجي ته سونهن ئي سونهن آهي. هوائي جهاز
کان ٽرين، ٽرين کان بس ۽ بس کان ڀڳي گاڏي بهتر. ڀڳي
گاڏيءَ ۾ چڙهڻ جو سوڀاڳ نه ملي تنهن هوندم ۾ ياد
نه اچي. دفتر مان پهنجي ساڻ سوڀش جو ٽيليفون آيو ته هاڻ
گهر ۾ ٽيو آهي - هڪدم ڊهليءَ مان ٻهريون جهاز پڪڙي
ڏيڻيءَ آڇ.

مان يورپين کوڙ هٿس جنهن لاءِ هوائي جهاز جي مسافري
هڪ مصنوعي چيز آهي. چائهه هڪ شهر ۾، ٽوست ٻئي شهر
۾ ۽ لنچ سگريٽ ٽئين شهر ۾، مٿي ۾ ڏنڊي جي چنتا.

فلائيٽ صبح ۶ بجي هئي ۽ مان هدايت موجب ۵ بجي
ايئرپورٽ پهچي ويس. سياري جي صبح سبب اڃا سخت
اونداهه هئي ۽ ٻرف جي ٻهرين ٻاکر آفق جي ڪڪر مان منهن ڪڍڻ
ڪيو هئو. ڏڏ، وارن جي سوراخن مان سڄڻ ۾ گهڙي، ڪنهن
چند يا وزن جي مخصوص انداز ۾ ڪن ٻلن جي وچوٽيءَ بعد

لڳ پگ ساڳئي ڊنگ ۾ ڏکڻي پڌرا ڪري رهي هئي. مونکي پهرين اهو خيال آيو ته مون ڏڻ جي اُن ڏکڻيءَ لي ڪا ڪويتا نه پڙهي هئي ۽ سوچيم ته ڪو نجراني شاعر ڪوتا ڪي "ڏکڻي" ناري ڪا نئين صنف ڏيئي سگهيو ٿي. هڪ اهڙا ڪوتا جا تن ۾ نه ته من ۾ ڏکڻي پڌرا ڪري.

مون سوچيو ته مان اوير ڪان اولهه ڏو وڃان ـ سڄ نڪري نڪري جهاز اولهه طرف هلندو ان ڪري اڄا ڪال جو وقت چڪبو نبو ٿيندو ويندو. ڏرئيءَ جو وياپڪ ڇهرو ڏسندس ڪو قلعو ڪنهن پريمڪا جي ڪاڏيءَ پرسان ڳل ڏانهن مائل ٿر لڳندو. ڪو شهر ڪنهن غريب جي ڪائل قميص لي لڳل چٽي لڳندو. ايڏو هوستيس مشڪندڙن ڏ جهاز هڪ باغ ٻڌي پوندو. البت مون ڏٺو ته اُهي هوٽلن جون ڇڄ حمال هيون. گهر ڀ لي چانهيون ڪافيون وغيره ڪڍي ٿي آيون. مونکي اُنهن "واهو ـ سندرين" جو ڪرتب پاڙي سنسڪرتيءَ خلاف هڪ داغ لڳو. جن جو مشڪ مضوعي هئو، هڙ اُهي داسيون هيون جي فقط سهڻيون ۽ گرنجوئيٽ هيون.

مونکي ڊريءَ پاسي جڳهه ملي. اُن ڪان اڳ سامان گول ڪرندڙ ٽيبل رسٽي جهاز ڏانهن روانو ڪيو ويو ۽ هڪ اليڪٽرانڪ اوزار سان منهنجي ٽلاشي ورتي ويئي ته منهنجي جسم جي ڪنهن انگ يا ننگ ۾ ڪا غلط چيز ته نه هئي. ڪو ام، روالور، حشيش، برائون شگر، ڪجهه به غلط يا خطرناڪ.

جهاز اونـــده ۾ اُڏاميو. قطب مدار، لعل قلعو، راشٽرپتي پون، نظامدين بادگار ڪجهه به نظر نه آيا. ڇڄ هردوار ۾ شام جي آرتيءَ ٻڌ ڪارتي ڪنگا. ڪٽي ڪٽي ڪلن وارن دونـن ۾ ڏياٽين جون مڏام روشنيون.

جهاز پهرين آهستي ۽ پوء تيز اُڏاميو. پهرين انين لڳو جڏ ڪنهن ٻيٽل بس کي مسافرن ڏکڻ ڏنو ۽ جهاز هلکو جهٽڪو کائي هليو. پوء اهو پهرين آهستي ۽ پـوء تيز هليو ۽ مٽي

اڏاڻو. مونکي لڳو تہ منھنجي جسم جو ھار گھٽ ٿيڻ لڳو آھي. مسافريءَ ۾ منھنجي پنھنجي ڀاڱا شامل ھئي. اڻکري اھو خيال نہ آيم تہ راوڻ جڏھن سيتا ڪي پڻڪ ومان ۾ اڏاميو ھوندو تہ سيتا جي من ۾ اھو ساڳيو ويچار جاڳندو ھوندو تہ مان ھار ھيڻ ٿيندي ٿي وڃان.

چانھہ جو ڏور ختم ٿيو تہ نظر باھر ڪيم. ھيٺ آڇا بادل ھيا - اڻھن ۾ ڪڙ - ڦٽيءَ جو ڪيسري رنگ، مٿي نيرو آڪاس، جھاز بادلن مٿان ھلو. ڏرليءَ ۽ اسمان وچ ۾ ھڪ سوڪيم ديوار ھيٺ ڇڻ عوام ۽ مٿي فوجي حڪمرانن جن ۾ ڪوبہ سڏو لاڳاپو ڪونہ ھيو. مونکي لڳو تہ نہ مان پولار ۾ ھئس ۽ نہ ڏرليءَ ۾ ھوس. ڇڻ ڏھني سطح تي. وري ھڪ ورھاڱي جو ستايل ملڪ بدر ٻاھگير مان! يا اندر سڀا جو ڪو خيالي ڪش يا گندرو -

چانھہ جو ڀڪ پيئندي پاسي واري از رگ انگريزيءَ ۾ پڇيو:

"آوھان پنجابي آھيو؟"

"نہ - سنڌي آھيان."

"مونکي معلوم ٿيو آھي تہ ھن جھاز ۾ چار ٽيرسٽ چڙھيا آھن؟"

"ٽيرسٽ؟" منھنجي عجب جي احساس ڇڻ شبد کي ٽيڙو ڪري ڇڏيو.

"شايد جھاز کي لاھور پڇاڻي ھلن."

مون چانھہ جو ڪوپ رکندي چيو "جيڪڏھن اوھانکي خبر پيئي آھي تہ احتياطي وارن کي نہ پيئي ھوندي، کي تہ قدم ھيٺ ڪيا ھوندا!"

"ڪيئن چئجي! مون سان ٽڪسي ڊرائيور ڳالھہ ڪئي."

"ڀوءِ آوھين واپس ھليا وڃو ھا."

"ڪجھہ نہ ھجي - خطرن ۾ جيئڻو آھي. ٽيرسٽ ڏھليءَ ۾ نہ آھن."

مون ڏري ۽ کان ٻاهر نهاريو. هيٺ ڪڙ - مٿي آڪاس، راوڻ سيتا کي لڏڪا ڇڀائي ويو. اڳروادي اسانکي لاهو ر ڇڀائي هلندا. مشين گنون سڏيون ڪندا: خبردار! هلو مت - ماري ڇاڏوگي.

منهنجي ٻانڀا ڇڻ هڪ اخباري خبر!

پاسي واري چيو، "جينٽلمين - اگر ٽيررسٽ جهاز تي قبضو ڪن ٿا مان مڪر ڪري بيهوش ٿي ويندس. اوهين لاهوز ر چڪجو ته مان هارٽ پيشنٽ آهيان - ٻوء مان ڀچي سگهندس. پليز - مون تي اهو اُپڪار ڪريو. هون۽ مان هارٽ پيشنٽ آهيان ڪونہ."

مونکي اُن ڪن مؤٽ جو ڏپ ڪونہ ٿيو. جو ڏٺو ناهي اُن مان ڪهڙو خطرو ۽ جو ماري ڇڏيندو، اُن جو احساس مؤٽ بعد نہ ٿيندو. ڪي پل درد ٿيندو. اهو ڏسي ونيو. مان ٻ- ڏينهن گٽ هٿي مسوري ۽ مان گمهي آيو هئس. برف، ڪري رهي هئي ۽ مان زمين کان ڇهه هزار فوٽ مٿي مال روڊ تي هلي رهيو هئس. اُن ڪن اهو اُحساس ٿيو ته وڙهاڳي کان اڳ، ڪراچي ۽ ر ڪي سال رهڻ کان ٻ اڳ، مان لاهور رام گلي ۽ ر رهندو هوس - منهنجو بابا مونکي مال روڊ تي وڃي هلندو هئو، جتي چوڪريون مکڻ ر گلاب جون پکڙيون ۽ چانڊوکي ملائي منهن کي ملي وڏيڪ خوبصورت بڻجي گهمنديون هيون. هڻ بمبئي ۽ ر ٻيوڻي پارلر آهن، جتي چوڪريون منهن کي ڪاسليٽ چدو ڪٽو آلائي چا چا لڳائين. مونکي اهو ٻ احساس ٿيو وڙهاڳي بعد مان وطن وڃي نہ سگهيو هوس - اگر مونکي لاهور ڇڀاڻو ويو ته پهرين مان مال روڊ ويندس - ۽ ٻوء گهڻن طرح ڪراچي ڀهڄي ويندس. گرفتار ٿيس ته چونڊس - مونکي "هائجئڪ" ڪيو ويو آهي ۽ اِن طرح مان پنهنجي مستڪ تي وطن جي مٽي هٽي ايندس.

مان پنهنجي مرضي ۽ سان اُن ملڪ ر وڃي نڏو سگهان مگر

منهنجي ملڪ جا دشمن هڪ غلط ڪر ڪندي ڪنهن آئيسولي نموني منهنجي پنهنجي نجي پياري ذاتي خواهش پوري ڪري رهيا آهن. اهو جهاز هائيڪ نه ٽيڪ ڦوڙجي، مگر جي اهو ٽٽي ۽ اهور وڃي ته اهڙا انڪن اڳوانن جي هار آهي جن اسان کي پاڻي ۽ جهاز ۾ چڙي وطن جا ڪنارا چڏايا. تڏهن کن اٽلڪ وهيل ڳوڙهن سبب سمنڊ جو پاڻي ڪجهه وڌيو هڏو- ٿورو ڳاڙهسرو ٿيو هڏو- اڪين ڪجهه نه ڪيو جي وس نه رنائون! لطيف تنهنجي ڏرتيء تي زبردستي آڻي هوءَ منهنجي چالين سالن جي خواهش پوري ڪري رهيا آهن. رستي ۾ مري ويس نه چاڪ عمر ڪوٽ جي ڪا جيڏ جڳ ملير طرف رخ رکندي. منهنجي چيتا هيڻ لاش کي وطن ڏسڻ جون خواهشون چنڊڙي پوندون. اُن ڏرتيء جو ڇاڻ پراڻ ڏيندو- اکيون کولينديس. وطن ڏسنديس، ويڙي بعد ڪري ڇڏينديس. ڏسي، ڇڏيو مون پنهنجو وطن - هاڻ ڪا خواهش نه آهي منهنجي. ٽٽي جهاز هائيڪ. ليٽ مي لو اِن ڊيٿ! (Let me live in death) گهڻو پوء سوچيم جو زندگيء ۾ ڪي نئو سڳوري، اهو ڏهور ۾ ممڪن آهي، موٽ ۾ هيڻ!

ڪاپي نگاريان نه مڙان ماڻهو جمع آهن. هڪ ڊاڪٽر به آهي. اي. سي. جي. ڪيڻ بعد ڊرائي ٽو ڪرڻ نه پاسي واري مسافر کي زبردست هارٽ اٽيڪ ٿيو آهي. ڊرائي موجب جڏهن جهاز ٻڏي هوائي بندر تي لٿو نه وڃي ڊرائي ٽي نه اهو مسافر مري چڪو هڏو - مان چڱي نئو سڳهان نه منهنجي اکين ۾ ڪجهه گرم پاڻياٽ جمع ٿي. اها وطن نه ڏسڻ جي نڪين سزا ٻڌايا ٿيل حسرتون پوري نه ٿيڻ سبب هڏي يا فقط ڏن ڪري هڏي نه هڪ انسان فقط اڪواه ڊڪڻ جو صدمو برداشت ڪري نه سگهيو ۽ جو ڏرتي ۽ آسمان جي وچ ۾ راهه- گهاٽهه مري ويو. ●

(سيڊو ۱۹۸۸)

ٿڙي پار

مونکي اڄ ٿو لڳي تہ هن پنهنجو هٽ وڌائي منهنجي منهن تان منهنجو چهرو لاهي ڇڏيو آهي. هاڻ اڄي کا چمڙي، کو ماس ڪونهي. اڄي فقط هڏ کوڙي آهي. اڄ ٿو لڳيم تہ بدن ۾ کو ڪوڙو ڪونہ پيو اٿم. کا چمڙي، کو ماس نہ اٿم. مان نہ رڳو اڳهاڙو نہ آهيان، مگر لاش ۽ نہ آهيان. هڪ هڏن جو ڍڳو آهيان، جنهن سان منهنجي چيتنا، منهنجو وجود جڙيل آهي.

مان هڪ دڪاندار آهيان. مونکي هڪ هوٽل آهي. سڄو لهندو آهي ۽ هوٽل کلندي آهي. سڄو ڇڏهندو آهي ۽ هوٽل بند ٿيندي آهي. سامهون ميونسپل ناکو ۽ باهر نڪشل هاءِ وي آهي. سڄي راڄ روشني ۽ ماڻهن جي وهڪ جاري آهي.

هتي ڊرائيور ڪليئر ۽ اوباش ماڻهو چانهہ پيئن، ڊپلوٽي ڪائين، سڪوٽ ڪائين. ڪي اندر وڃي چڪڙي ۽ چاڙهي وڃن. چون: واهہ سندي سائين، چانهہ ڪونهي، آفيم جو پيالو آهي. سڄي هندستان ۾ اهڙي چانهہ ڪٿي نہ ملي. بادشاهي چانهہ. لشڪري چانهہ - هندو چانهہ - مسلم چانهہ، هن سندي چانهہ اڄيان ڪجهہ نہ آهن.

مان چانهہ ۾ ڪس ڪس وجهي سندن ڪيسا ڪٽيان.

مگر اڄ منهنجو اوڙو وجود نہ ون کان ڪجهي وڃو آهي. ٻا وجود منهنجو قائم آهي، باقي سڄو شهر ڪجهي وڃو آهي ۽ هڪ هڏن جو ڍڳو اُن وجود سان جڙيل آهي. هاڻ انکي ڪير

جلائي يا زمين ۾ پوري، کو فرق نٿو پوي. هن بدمعاش ڏاڍ ڪري ڇڏيو آ. مان کو مصر جو مڙهو کو موهن جو ڏڙو آهيان ۽ هاڻ مونکي ائين ٿو لڳي آ. مان اهو هڏن جو ڍڳو آهيان، جنهنکي پورجڻ لاءِ ڪا ڏرتي نصيب نه ٿيندي !

وسنت، ستارا جو دادا آهي. هن ڪي اهڙا گداهه ڪيا جو ڪيس چڱيڙ ڪيس ۽ قاسائي ڏي پار ڪياڻون ۽ وسنت ألهاسنگر ۽ پاڻ ورڻي آهي.

هوڏل ۾ ڪڏهن ڪاڻ گندڻ نوشيبازي ڏسي آ. مان شڏ هيٺ ڪريان مگر وسنت دادا بعد مونکي اُن جي ضرورت ڪونه پئي آهي. هو پنهنجي شو مندر جي ڏيکيل اڳڻ ۾ سمهندو آهي جتي رات جو سندس ٽکري هلي. صبح جو چئي : سنڈي سائين، چانهه - ٻه ڪوپ.

گذريل ڪن ڏينهن کان سندس ٽکري بند آهي، جو نڪون انسپيڪٽر سخت آهي. اڪثر هن شهر ۾ سخت انسپيڪٽر اچن ۽ اُن سالن جي آزمودن بعد نوڪري ڏيڻ ٿيون.

مون دڪان ڏي ڏسهه هن طرح جا ٻوڙ هميا آهن ؟ آج نقد - ڪل اُڌار ! - اوڏر مجبت جي ڪمڻي آهي؛ نقد ٻهان اوڏر اڳلي دڪان ۾ ! مگر وسنت اڻپڙهيل آهي! هن هفتي کان پڇا ڪونه ڏنا آهن ان ڪري اڄ مون ڪيس ڪجهه چيو.

اندر ٻلن ٻلن جي روشني ۽ ڪنڌن ٻاسن ۾ چارا ڪن ڏيو ٿائن ۽ فلمي اداڪارن جا فوٽا. باهر ٻرهه جي گلابي ٻاڪ.

هو آيو ۽ چيائين : سنڈي سائين، ٻه ڪوپ چانهه.

چيومانس : پائي اڳيون حساب چڪتو ڪر ته چانهه ڏيان.

مون ڏاڍو آهي ته دڪ ٻڌل ڇڏن ڏي ڇڏهن مشڪ ٿڪڙائي آهي، ته اها ڏاڍي سهڻي لڳندي آهي.

مشڪي چيائين: حرامي - هيڏو ڪمائين ٿو ۽ گٽڻي، جيان

پيٽ ۾ ڪجهه نڪري آيو آهي، ۽ پڇس مان موهه نٿو نڪريئي. مٿي ۽ هٿين خالي ويندا ٿين.

چيومانس: حرامي ۽ وندين ٿون - ٿنهنجو ٻيءَ! اسين مٿي جو ڪوڙ سوچيون - ۽ سڀ ڪجهه هٿي لاءِ ڪيو! مگر ٿون اي شرم... ڙي پار ...

سمجهيم ته جهگڙو ٿيندو، مگر هن وڏي مشڪيو، جو آپريشن ٿيٽر ۾ منهنجي شروع ۾ آلما کي الگ ڪرڻو هوس. جو مونکي منهنجو ٿلهي چپرو ڏيکارڻو هئس، جو مون وٽ ڪونهه هو - فقط هڪ ڪوڙي ٻيئي. اکين ۾ خال، مٿو خالي. ڏند سلامت.

چيائين: سندي ٻاهر - مان ته فقط ٿوري وقت لاءِ ڙي پار آهيان - مگر توکي ته ٿنهنجي سڄي وطن هميشهه لاءِ ڙي پار ڪيو آهي ۱

نيو فيلڊس جا تازا شايع ٿيل ڪتاب

1 - علم تحقيق - ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو - 40 رپيا

هڪ اهڙو ڪتاب جو نه صرف دلچسپ ۽ معلوماتي آهي بلڪ ادبي اهميت سان گڏو گڏ تحقيق ڪندڙن لاءِ پڻ ڪارائتو آهي.

2 - فرينچ انقلاب - مترجم: محمد ابراهيم جويو - 80 رپيا

فرينچ انقلاب اڻڙهين صديءَ جو ئي نه ، تاريخ يورپ جو ئي نه ، پر تاريخ انساني جو هڪ تمام وڏو ۽ تمام اهم واقعو هو- انساني قدرت جو هڪ عظيم ڪرشمو ، اهڙو ڪرشمو جنهن ۾ بني نوع انسان جي سوچ ، ارادي ۽ جوصلي جا جملي ڪرشما سمايل هئا.

3 - منهن تنين مشعل - تنوير عباسي - 30 رپيا

هن ڪتاب ۾ لکيل شخصيتن ٿي خاڪن مان ڪجهه جا نالا هي آهن: علامه آءِ آءِ قاضي ، شيخ عبدالمجيد سندي ، حيدر بخش جتوئي ، پير حسام الدين راشدي ، مولانا گرامي ، نسيم ڪرل ، عابده پروين ، رشيد ٽي وغيره.

4 - پنهل ڪان پوءِ ۽ جگ مڙيو ئي سپنو - شيخ اياز - 40 رپيا

شيخ اياز جا ٻه ڪتاب، هڪ ڪتاب جي صورت ۾ شايع ڪيا ويا آهن ، جن ۾ ڪهاڻيون ، خطَ ۽ آتم ڪهاڻي وغيره ڏنل آهن.

5 - روس جو سير(سفر نامو) - جواهر لال نهرو - 30 رپيا

جواهر لال نهرو روس ۾ جيڪي ڪجهه ڏٺو، محسوس ڪيو ۽ پڙهيو تنهن جو احوال دلچسپ انداز سان ڪيو اٿس.

6 - ڳالهيون آهن ڳچ (سفر نامو) - الطاف شيخ - 36 رپيا

الطاف شيخ هن سفرنامي ۾ تمام گهڻين دلچسپ ڳالهين جو ذڪر ڪيو آهي. ڪتاب پورو ڪرڻ ڪان اڳ ڇڏڻ ٿي دل نه چوندي آهي.

7 - وندسر محل جو مسافر (سفرنامو) - عبدالجبار جوٽيجو - 20 رپيا

مصنف هن سفرنامي ۾ وندسر محل جي پراسراريت جو ذڪر اهڙي خوبصورت انداز سان ڪيو آهي ، جو حيرت وٺيو وڃي.

8 - وڃون وسن آئيون (شاعري) - شيخ اياز - 45 رپيا

9 - تنهنجي دنيا سپ ڙنگ سانول (ناول) - سراج - 70 رپيا

هڪ اهڙو ناول جنهن جي پهرين جلد جا ٻه ايڊيشن نڪري چڪا آهن.

10 - شاه لطيف جي شاعري (جلد I,II ۽ III) - تنوير عباسي - 60 رپيا

نيو فولڊس پبليڪيشنس جا شايع ٿيل ڪتاب

٠١	بين‌الاقوامي قانون ۽ تنظيم	فيروز احمد	(ختم‌ٿيل)
٠٢	جيل ۾ ٢٢ مهينا (ياڳو ١)	طارق اشرف	(ختم‌ٿيل)
٠٣	اڏ ملاقات (خط)	طارق اشرف	(ختم‌ٿيل)
٠٤	جيل گهاريم جن سان	طارق اشرف	(ختم‌ٿيل)
٠٥	جيل ۾ ٢٢ مهينا (ياڳو ٢)	طارق اشرف	(ختم‌ٿيل)
٠٦	زندگي ۽ جو تنها مسافر (ڪهاڻيون)	طارق اشرف	(ختم‌ٿيل)
٠٧	٤- مارچ ۽ سنڌي جوڌا	—	٢٠/-
٠٨	بهترين ڪهاڻيڪارن جون بهترين ڪهاڻيون	—	(ختم‌ٿيل)
٠٩	اونداهي ڏرتيءَ روشن هٿ (ناول)	آغا سليم	٤٥/-
١٠	رات منهنجي روح ۾	غلام نبي مغل	(ختم‌ٿيل)
١١	٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (ياڳو ١)	—	(ختم‌ٿيل)
١٢	ٽڏا چپ (ڪهاڻيون)	ايشورچندر	(ختم‌ٿيل)
١٣	واپون وڻجارن جون (سفرنامو)	الطاف شيخ	١٢/-
١٤	٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (ياڳو ٢)	—	(ختم‌ٿيل)
١٥	بندر بازاريون (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم‌ٿيل)
١٦	شڪليون (خاڪا)	عبدالقادر جوٽيجو	(ختم‌ٿيل)
١٧	يادگار ڪهاڻيون	مختلف ڪهاڻيڪار	(ختم‌ٿيل)
١٨	ٽين دنيا جون ڪهاڻيون	ولي‌رام ولپ	(ختم‌ٿيل)
١٩	عظيم ڪهاڻيڪارن جون عظيم ڪهاڻيون	—	(ختم‌ٿيل)
٢٠	دل اندر درياوَ (ڪهاڻيون)	مدد علي سنڌي	(ختم‌ٿيل)
٢١	دل جو بندر (ناول)	ائورل آئيويس/نصير اعجاز	(ختم‌ٿيل)
٢٢	رهيل قرض (ڪهاڻيون)	ظفر حسن	١٢/-
٢٣	درد جي خوشبو (ناول)	قاضي خادم	(ختم‌ٿيل)
٢٤	ڪنهن سان سور سليان	مرتب: فيروزاحمد	(ختم‌ٿيل)
٢٥	فڪر جي آزادي	آستيفن زويگ/ابراهيم جويو	(ختم‌ٿيل)
٢٦	منهنجو ساگر، منهنجو ساحل (سفرنامو)	الطاف شيخ	١٦/-
٢٧	غلامن جو پيڙو (ناول)	ايرڪ ڪاردر/دوست محمد پٽي	(ختم‌ٿيل)
٢٨	سي ٽي جوين ڏينهن (سفرنامو)	الطاف شيخ	١٥/-

۲۹۰ عاشي(ناول) هيتري رائڈر هگرڈ/فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
۳۰۰ سي هڙيون رکين ٻاجهه سين (سفرنامو) الطاف شيخ -/۲۰
۳۱۰ سڏارت (ناول) هرمن هيس/فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
۳۲۰ جهان رس (کهاڻيون) الطاف شيخ (ختم ٿيل)
۳۳۰ روح جي ڳولا (ناول) مترجم: فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
۳۴۰ درد جا ڏينهن، درد جون راتيون طارق اشرف (ختم ٿيل)
۳۵۰ سانباهو سموند جو (سفرنامو) الطاف شيخ (ختم ٿيل)
۳۶۰ سورج هوندي مرجهايل(کهاڻيون) نجم عباسي (ختم ٿيل)
۳۷۰ آسيه (ناول) هينري رائڈرهگرڈ/فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
۳۸۰ قلندر (کهاڻيون) قرت‌العين حيدر/مدد علي سنڌي
۳۹۰ الطاف شيخ جي نوٽ‌ڪ تان الطاف شيخ (ختم ٿيل)
۴۰۰ سزا جا سڪ آسڪر وائلڈ/فضل احمد بچاڻي
۴۱۰ بهترين سفرنامه الطاف شيخ (ختم ٿيل)
۴۲۰ للڪار(کهاڻيون) نجم عباسي (ختم ٿيل)
۴۳۰ ٽڪل‌سزيت(کهاڻيون) البرتوموراويا/وليرام ولپ
۴۴۰ لنڊن تائين لفٽ (کهاڻيون) الطاف شيخ (ختم ٿيل)
۴۵۰ تصويرجو خون آسڪروائلڊ/فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
(پڪچر آف ڊورين گري) (ناول)
۴۶۰ حليم ٽڻو حليم بروهي (ختم ٿيل)
۴۷۰ هارن جون آکاڻيون الطاف شيخ (ختم ٿيل)
۴۸۰ سچون خليل جبران/فضل احمد بچاڻي -/۲۵
۴۹۰ سفريورپ جي ڊائري(سفرنامو) قاضي عبدالمجيد عابد -/۴۰
۵۰۰ آزادي خاطر (کهاڻيون) مرتب: فيروز احمد (ختم ٿيل)
۵۱۰ چانديءَ جون ٽارون (کهاڻيون) ماهتاب محبوب (ختم ٿيل)
۵۲۰ مس سدا بهارچنبيلي (ناول) الطاف شيخ -/۲۰
۵۳۰ پيار کهاڻي (ناول) نجم عباسي (ختم ٿيل)
۵۴۰ نيگروعشق ۽ بغاوت ڪرسٽوفرنڪول/نصيراعجاز (ختم ٿيل)
۵۵۰ شرم هوڻي (ناول) گوبند مالهي (ختم ٿيل)

۵۶۰	اڪي ايٽن هياس (جلد ۱)	فضل احمد بچاڻي	
۵۷۰	پرھ ڪان پھرين (ڪھاڻيون)	ماهتاب محبوب	-/۱۶
۵۸۰	بلنديون (ناول)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
۵۹۰	رچ ۽ پاچا (ناول)	موهن ڪلپنا	(ختم ٿيل)
۶۰۰	مون تو ڪي پيار ڪيو (ڪھاڻيون)	پوپٽي هيراننداڻي	(ختم ٿيل)
۶۱۰	آبل ڙي اولاڻا (ڪھاڻيون)	علي بابا	(ختم ٿيل)
۶۲۰	شاھ لطيف جي شاعري (جلد II)	تنوير عباسي	(ختم ٿيل)
۶۳۰	آپٽي ڪھوٽ ٿ نشا ٽيوٽي (سفرنامو)	لوڪرام ڈوڈيجا	(ختم ٿيل)
۶۴۰	موهن جو دڙو (ناول)	علي بابا	(ختم ٿيل)
۶۵۰	ادو عبدالرحمان (ڪھاڻيون)	امر لعل هنگورائي	-/۱۲
۶۶۰	ڏرتي روشن آهي (ڪھاڻيون)	آغا سليم	(ختم ٿيل)
۶۷۰	دارون هن ديوانيِ جو (ڪھاڻيون)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
۶۸۰	پيغامبر	خليل جبران/ستار	-/۲۰
۶۹۰	هم اوست (ناول)	آغا سليم	(ختم ٿيل)
۷۰۰	اداس وديون (ڪھاڻيون)	حميد سنڌي	-/۱۲
۷۱۰	آئيني جي اڪيان	۱۷ ساهتڪار	-/۱۲
۷۲۰	چنڊ چنبيليءَ ول (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
۷۳۰	لهر لهر زندگي (ڪھاڻيون)	ماهتاب محبوب	-/۳۰
۷۴۰	اڻون ماڻهو (ڪھاڻيون)	سراج	(ختم ٿيل)
۷۵۰	ھ نندا ناول (ھ ناول)	آغا سليم	(ختم ٿيل)
۷۶۰	اڪي ايٽن هياس (جلد ۲)	فضل احمد بچاڻي	-/۲۵
۷۷۰	رڻ ٿي رھ جھم (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
۷۸۰	وات ويندي	علي احمد بروهي	(ختم ٿيل)
۷۹۰	مڪليءَ ڪان ملاڪا تائين (سفرنامو)	الطاف شيخ	-/۳۵
۸۰۰	ڪھاڻي جو قافلو	نجم عباسي	-/۱۵
۸۱۰	ساهيوال جيل جي ڊائري	شيخ اياز	
۸۲۰	سنگاپور ويندي ويندي (سفرنامو)	الطاف شيخ	-/۳۵
۸۳۰	چنڊ جا تمنائي (ڪھاڻيون)	آغا سليم	(ختم ٿيل)

۸۴۰	ڀڳت سنگھ کي ڦاسي	شيخ اياز	۲۵/-
۸۵۰	ست يوگوسلاويائي آکاڻيون	جگت آڏواڻي	۱۰/-
۸۶۰	ست کشميري آکاڻيون	اختر محيدين/ايشور چندر	۱۲/-
۸۷۰	ڀن ڇڻ ۽ چنڊ (شاعري)	آغا سليم	۱۰/-
۸۸۰	ڪوالالمپور ڪجهه ڪوه (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
۸۹۰	ڪير ٿو ڪن ڪري (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
۹۰۰	سڏن متي سڏڙا	علي احمد بروهي	(ختم ٿيل)
۹۱۰	گانڊي	لوئي فشر/نجم عباسي	(ختم ٿيل)
۹۲۰	ڀڳل ڪنيڙائيون	خليل جبران/عبدالله الفائز	۲۵/-
۹۳۰	ماستر هريامرجو ٻنڪاڪ وڃڻ....	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
۹۴۰	ڪي جو پيڄل پوليو (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
۹۵۰	سرهي سرهي سار (سفرنامو)	ماهتاب محبوب	۵۰/-
۹۶۰	خط، انٽرويو ۽ تقريرون	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
۹۷۰	دنگي ۽ منجهه درياهه (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
۹۸۰	ڏيئا تيل ڦليل جا	علي احمد بروهي	۳۰/-
۹۹۰	راج-گهاٽ تي چنڊ (شاعري)	شيخ اياز	۶۰/-
۱۰۰۰	موتي جي مهراڻ جا	مرتب: فيروز احمد	۷۵/-
۱۰۱۰	تلاش (ناول)	نجم عباسي	۳۰/-
۱۰۲۰	لڙيو سڄ لڪن ۾ (شاعري)	شيخ اياز	۳۵/-
۱۰۳۰	ڏاهي جهرڪي ۽ ٻيون آکاڻيون	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
۱۰۴۰	مرڻ مون سين آءُ (ناول)	سراج	۶۰/-
۱۰۵۰	ٻڙاڏو سوڀي سڏ (ناول)	سراج	۵۰/-
۱۰۶۰	رات وچ ۾ (ناول)	بريٽ هيليدي/فضل احمد بچاڻي	۲۰/-
۱۰۷۰	ٻڙ جي ڇانو ۾ اڳي کان گهاڻي (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
۱۰۸۰	اک سور (ناول)	رابندر ناٿ ٽئگور	۵۰/-
۱۰۹۰	جت جر وهي ٿو جال (سفرنامو)	الطاف شيخ	۵۰/-
۱۱۰۰	زني ڪوٽ جو خزانو (ڪهاڻيون)	امر جليل	۴۰/-
۱۱۱۰	ماسترياڻي (ناول)	مترجم: نجم عباسي	۲۵/-

۱۱۲.	آکن نيرا ڦليا (شاعري)	شيخ ايار	(ختم ٿيل)
۱۱۳.	منهنجي دنيا، هيڪل وياڪل (ناول)	سراج	۲۵/-
۱۱۴.	رڻ ۾ رڄ جو اتهاس (ڪهاڻيون)	نورالهدي شاه	(ختم ٿيل)
۱۱۵.	انقلابي ماءُ (سوانح حيات)	مترجم: آزاد قاضي	۲۵/-
۱۱۶.	ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون	شيخ ايار	(ختم ٿيل)
۱۱۷.	جلاوطن (ڪهاڻيون)	نورالهدي شاه	۵۰/-
۱۱۸.	جڏهن مان نه هوندس (ڪهاڻيون)	امرجليل	(ختم ٿيل)
۱۱۹.	پونر پري آڪاس (شاعري)	شيخ ايار	۷۰/-
۱۲۰.	راهون چند ستارا (سفرنامو)	ماهتاب محبوب	۴۰/-
۱۲۱.	يادين جي انڊلڻ	الطاف شيخ	۳۰/-
۱۲۲.	جهڙ ٽيٽان نه لهي (شاعري)	شيخ ايار	۵۵/-
۱۲۳.	وقت وڻيون وڇوڙيون (ناول)	ڪلا پرڪاش	۲۰/-
۱۲۴.	شاه لطيف جي شاعري جلد I، II ۽ III	تنوير عباسي	۶۰/-
۱۲۵.	تنهنجي دنيا، سپ رنگ سانول (ناول)	سراج	۷۰/-
۱۲۶.	وڇون وسڻ آڏيون (شاعري)	شيخ ايار	۴۵/-
۱۲۷.	وندر سرمحل جو مسافر (سفرنامو)	عبدالجبار جوڻيجو	۲۰-
۱۲۸.	ڳالهيون آهن ڪچ (سفرنامو)	الطاف شيخ	۳۶/-
۱۲۹.	روس جو سير (سفرنامو)	جواهر لال نهرو	۳۰/-
۱۳۰.	پنهل ڪان پوءِ ۽ جڳ مڙيوڻي سپنو	شيخ ايار	۴۰/-
۱۳۱.	منهن تنين مشعل (حاڪا)	تنوير عباسي	۳۰/-
۱۳۲.	فرينچ انقلاب	مترجم: محمد ابراهيم جويو	۸۰/-
۱۳۳.	علم تحقيق	ڊاڪٽر الهداد پوهيو	۴۰/-
۱۳۴.	انين ڪتا (ڪهاڻيون)	موهن ڪلپنا	۳۰/-

ڳهرائڻ لاءِ لکو: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڈو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

پڑهندڙ نَسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ جڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، پاڙي، ڪاڪُو، پاڇوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) کا ٻہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو ٻہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو ٻہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا

ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو بِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙهو، نيلا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا **پَـنَ** بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ **پَـنَ** ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي ته **پَـنَ** جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي ته ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ **پَنَ** پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. **پَنَن** پاران ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو ته پلي ڪمائي، رُڳو **پَنَن** سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليگڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمتائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مجن.

شيخ اَياز علمَ، جاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِتَ، پُکارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ برِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ چُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛
... ...
ڪالهَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهه نيلا پيلا آهن؛
گيتَ برِ جڻ گوريلا آهن.....
... ...
هي بيتُ اَتي، هي بَم ـ گولو، جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداڻيءَ جي نشاني آهي.

پَڻَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڑهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي پنهنجو حق، فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان به پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون پاکيِ پائي چيو ته "منهنجا پاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (کي جو ٻيجل ٻوليو)